

اسان هتِ اڪيلا
غلام عباس پنيرو
(يادگيريون: حصو پيو)

# اسان هِتِ اڪيلا

## (يادگيريون: حصو ٻيو)

## غلام عباس پنيرو

پوپٽ پبلشنگ هائوس خيرپور- سنڌ
2017ع

ڊجيٽل ايڊيشن:
2019ع
سنڌ سلامت ڪتاب گهر

پرين ڪالهہ وِيڙا،
اَسان هِتِ اَڪيلا.

ويا ڏئي وِڇوڙو،
ڇِڪي چاڪَ پيڙا.
اَسان هِتِ اَڪيلا.

وِسامي ويا جَڙُ،
ڏِياتيون ۽ ڏيئڙا.
اَسان هِتِ اَڪيلا.

عَباسڱ پرين مُون،
جَڏهن ڏُور ٿيڙا.
اَسان هِتِ اَڪيلا.

**POPAT BOOK NO. 109**

## آسان هِتِ اَڪيلا

(يادگيريون: حصو ٻيو)

ليکڪ: غلام عباس ڀنڀرو

ڇاپو پهريون: 2017ع

تعداد: هڪ هزار

ٽائيٽل ڊزائين: سعيد منگي

لي آئوٽ: آصف نظاماڻي

ڪمپوزنگ: عرفان ڀٽو

ڇپيندڙ: پوپٽ پرنٽنگ پريس، خيرپور، فون:0243-552913

ڇپائيندڙ: پوپٽ پبلشنگ هائوس مال روڊ خيرپور ــ سنڌ.

ملهه: **100/-** روپيه

## ASAA'N HIT AKELA

(Memories: Part - 2)

By: **Ghulam Abbas Bhanbhro**

First Edition: 2017

Quantity: 1000 Copies

Title Design: Saeed Mangi

Lay'out: Asif Nizamani

Composing: Irfan Bhutto

Printed by: Popat Printing Press, Khairpur Ph: 0243-552913

Published by: Popat Publishing House, Mall Road, Khairpur – Sindh.

Price: **Rs. 100/-**

# ارپنا

مون سان محبت ڪرڻ

وارن جي نالي

ـــ غلام عباس پنيرو

## سنڌ سلامت پاران :

سنڌ سلامت ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن سلسلي جو نئون ڪتاب **”اسان هت اڪيلا“** اوهان اڳيان پيش آهي. هي ڪتاب محترم **غلام عباس پنهيرو** صاحب جي لکيل آتم ڪٿا/يادگيرين جو ٻيو حصو آهي.

هن ڪتاب ۾ ڀهراڙيءَ جي غريب شاگردن کي خيرپور ۾ رهائش ۽ ڪاڌ خوراڪ جي سهولت ڏيڻ، خيرپور شهر مان گذرندڙ ميرواهه ڪينال جي ڪچي بند مٿان پڪو روڊ نهڻ، ڏهه مهينا ڏهه ڏينهن جي جيل ياترا، رئيس حاڪم علي زرداري، آصف علي زرداري ۽ شيخ اياز سان ملاقاتن ۽ مير رسول بخش ٽالپر جو ڳوٺ ٻچل پنهيرو ۾ عام جلسو، پير سيد شاهه مردان شاهه ثانيءَ جي ”نرس ليند“ وڃڻ، واپس اچڻ تي گهڻو ڪجهه بدلجي وڃڻ ۽ سنڌ سوڳوار ٿيڻ، 31 آڪٽوبر 2015ع تي مڪاني ادارن جي چونڊن جي پهرين مرحلي واري ڏينهن خيرپور جي ڳوٺ وريو واهڻ ۾ حُر جماعت جي يارهن ڄڻن جي مارجي وڃڻ، سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ منهنجي ٻن ڪتابن ”هڪ ڌڙ جو پورو سفر“ ۽ ”هڪ سچ ٻه پاڇا“ جي مهورت، ٽر گهمڻ ۽ ٻيون ڪيتريون يادگار ڳالهيون ۽ تاريخي داستان شامل آهن.

هي ڪتاب **پوپٽ پبلشنگ هائوس، خيرپور** پاران 2017ع ۾ ڇپايو ويو. ٿورائتا آهيون پوپٽ پبلشنگ، هائوس جي سرواڻ قربان منگيءَ جا جنهن ڪتاب جي ڪمپوز ڪاپي موڪلي. مهربانيون فريد پٿو صاحب جون جنهن ڪتاب سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ اپلوڊ ڪرڻ جي اجازت ڏني.

**محمد سليمان وساڻ**
**مينيجنگ ايڊيٽر ( اعزازي )**
**سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام**
sulemanwassan@gmail.com
**www.sindhsalamat.com**
**books.sindhsalamat.com**

# سٺاءُ


- پبلشر نوٽ: قربان منگي 08
- پنهنجي پاران: غلام عباس پنهيرو 09

**داستان پهريون**

- ڀهراڙيءَ جي غريب شاگردن کي شهر ۾ رهائش ۽ کاڌ خوراڪ جي سهوليت ڏيڻ ۽ خيرپور شهر مان گذرندڙ ميرواهه ڪئنال جي ڪچي بند مٿان پڪو روڊ ٺهڻ وارو قصو 12

**داستان ٻيو**

- ڏهه مهينا ڏهه ڏينهن جيل ياترا جو قصو 23

**داستان ٽيون**

- محترم رئيس حاڪم … محترم شيخ اياز سان ملاقات ۽ محترم مير ر… م جلسي کي خطاب ڪرڻ وارو قصو 41

**داستان چوٿون**

- پير سيد شاهه مردان شاهه ثانيءَ جي ”نرس لينڊ“ وڃڻ، واپس اچڻ تي گهڻو ڪجهه بدلجي وڃڻ ۽ سنڌ سوڳوار ٿيڻ جو قصو 57

**داستان پنجون**

- 31 آڪٽوبر 2015ع تي مڪاني ادارن جي چونڊن جي پهرئين مرحلي واري ڏينهن خيرپور جي ڳوٺ وريو واهڻ ۾ 11 ڄڻن جي مارجي وڃڻ وارو قصو 70

**داستان ڇهون**

- سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ ”هڪ ڏؤر جو پورو سفر“ ۽ ”هڪ سچ ٻه پاڇا“ ڪتابن جي مهورت ۽ ٿر گهمڻ جو قصو 77

# پبلشر نوٽ

محترم غلام عباس پنيري جي يادگيرين تي مشتمل هي ٻيو ڪتابُ ”اَسان هِتِ اَڪيلا“ اوهان جي هٿن ۾ آهي. هِنَ کان اڳ سندس يادگيرين جو پهريون ڪتابُ ”هڪ سج ٻہ پاڇا“ ڇپجي، بي پناهہ مقبوليت ماڻي چڪو آهي. مجموعي طور تي هي غلام عباس پنيري جو ستون ڪتاب آهي، جيڪو پوپٽ پبلشنگ هائوس پاران شايع ٿي رهيو آهي. مثالي يادگيرين ۽ تاريخي حقيقتن سبب هي ڪتابُ بہ پَڪَ سان تمام گهڻي مقبوليت ۾ مانُ ماڻيندو. هي ڪتاب تحقيق ڪندڙ دوستن لاءِ ڪافي مددگار پڻ ٿيندو.

پوپٽ پبلشنگ هائوس معياري ڪتابن جي اشاعت جي سفر تي روان دوان آهي. اوهان پڙهندڙن جي ساٿ ۽ رهنمائيءَ جي ضرورت اسان کي هر قدم تي پوندي رهندي.

**قربان منگي**

چيئرمين

پوپٽ پبلشنگ هائوس، خيرپور

# پنهنجي پاران

”اَسان هِٿِ اَکيلا“ منهنجو هي ستون ڪتاب آهي، جنهن ۾ نَيون ۽ پُراڻيون يادگيريون شامل آهن. هن ڪتاب ۾ ڀھراڙيءَ جي غريب شاگردن ڪي خيرپور ۾ رهائش ۽ کاڌ خوراڪ جي سهولت ڏيڻ، خيرپور شهر مان گذرندڙ ميرواهه ڪينال جي ڪچي بند مٿان پڪو روڊ ٺهڻ، ڏهه مهينا ڏهه ڏينهنَ جي جيل ياترا، رئيس حاڪم علي زرداري، آصف علي زرداري ۽ شيخ اياز سان ملاقاتن ۽ مير رسول بخش ٽالپر جو ڳوٺ ٻچل پنهيرو ۾ عام جلسو پير سيد شاهه مردان شاهه ثانيءَ جي ”نرس لينڊ“ وڃڻ، واپس اچڻ تي گهڻو ڪجهه بدلجي وڃڻ ۽ سنڌ سوڳوار ٿيڻ، 31 آڪٽوبر 2015ع تي مڪاني ادارن جي چوندن جي پهرين مرحلي واري ڏينهن خيرپور جي ڳوٺ وريو واهڻ ۾ حُر جماعت جي يارهن ڄڻن جي مارجي وڃڻ، سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ منهنجي ٻن ڪتابن ”هڪ دؤر جو پورو سفر“ ۽ ”هڪ سج ٻه پاڇا“ جي مهورت، ٽر گهمڻ ۽ ٻيون ڪيتريون يادگار ڳالهيون ۽ تاريخي داستان شامل آهن.

مان ٿورائتو آهيان محترم قربان منگيءَ جو جنهن مون کي هي ستون ڪتاب تڪڙو ڇاپي ڏنو. مان ٿل جي صحافي محترم حفيظ پنهيءَ جو به ٿورائتو آهيان، جنهن هن ڪتابَ جا

هي مضمونَ سهڻن اکرن ۾ اُتاري ڏنا. مان علامہ حزب الله سومرو، محترم علي جاگيراڻي وڪيل ۽ محترم امر اقبال جو بہ ٿورائتو آهيان، جن هن ڪتاب جي ڇپائيءَ واري ڪم ۾ هٿ ونڊايو ۽ بهتر صلاحون ڏنيون. مان محترم آصف نظاماڻي ۽ محترم عرفان ڀُٽي جو بہ شڪر گذار آهيان، جن ڪتاب جي بهتر ۽ خوبصورت ڪمپوزنگ ڪئي، جڏهن تہ آئون وڏيڪَ ٿورائتو آهيان محترم سعيد منگيءَ جو جنهن هن کان اڳ وارن منهنجن، ڪتابن جا سهڻا ٽائيٽل ٺاهيا ۽ هن ڪتاب جو بہ خوبصورت ٽائيٽل ٺاهي ڏنو. پڙهندڙن جو ساٿُ جاري رهيو تہ آئون پنهنجي شاعري، يادگار مضمونن ۽ ڪهاڻين جي ڪتابن جي ڇَپائڻ جو سلسلو جاري رکيون ايندس. هتي مان اردو ٻوليءَ جي ناليواري صحافي ۽ ليکڪ محترم الطاف محمد مُجاهد پاران ڪراچيءَ مان موڪليل سندس خَطَ جو ذڪر ڪرڻ بہ ضروري ٿو سمجهان. محترم الطاف محمد مُجاهد پنهنجي خَطَ ۾ لکيو آهي تہ ”هِڪُ سِجُ ٻہ پاڇا“ ڪِتابَ جي صفحي نمبر 113 تي حضرت قائد اعظم محمد علي جناح سان شهيد پير صبغت الله شاهہ سورهيہ بادشاهہ جي ملاقات جي حوالي سان جيڪا تصوير شايع ٿي آهي، اها پير آف مانڪي شريف پير محمد امين الحسنات جي آهي. الطاف محمد مجاهد پنهنجي خط ۾ لکيو آهي تہ

پاڪستان جي آزاديءَ واريءَ تحريڪ دوران قائد اعظم محمد علي جناح جڏهن پير آف مانڪي شريف جي دعوت تي صوبي سرحد جي دؤري تي آيا هُئا تہ ان وقت فوٽوگرافرن جيڪي تصويرون ڪڍيون هيون، انهن ۾ اِها تصويرَ بہ شامل هُئي، جيڪا ”هِڪُ سِڄُ بہ پاڇا“ ۾ ڇپجي وئي آهي. اِها تصويرَ اسان انٽرنيٽ تان ورتي هُئي. اميد تہ محترم الطاف محمد مُجاهد جي خَطَ جي جوابَ ۾ اسان جي هيءَ وضاحت ڪافي ٿيندي.

**غلام عباس ڀنڀرو**
ڪينال روڊ خيرپور
0300-3116062

# داستان پهريون

### ڀهراڙيءَ جي غريب شاگردن کي شهر ۾ رهائش ۽ کاڌ خوراڪ جي سهوليت ڏيڻ ۽ خيرپور شهر مان گذرندڙ ميرواهه ڪئنال جي ڪچي بند مٿان پڪو روڊ ٺهڻ وارو قصو

8 جنوري 1975ع جو ڏينهن هو. آئون شام جو 3:00 وڳي ڌاري پريس ڪلب خيرپور ۾ وينو هوس ته پيپلز پارٽي ضلعي خيرپور جي صدر ۽ ناليواري وڪيل محترم غلام رسول صديقيءَ جو ماڻهو مون وٽ آيو. چيائين ته صديقي صاحب اوهان لاءِ نياپو ڏنو آهي ته اڄ شام جو 7:00 وڳي منهنجي مال روڊ جي وڪالت واري آفيس ۾ اچو. ميٽنگ ڪرڻي آهي. خيرپور وارو اِهو پريس ڪلب، سنڌ جي اُنَ وقت جي وڏي وزير محترم رئيس غلام مصطفيٰ جتوئيءَ ڏنو هو. جتوئي صاحب سنڌ جو وڏو وزير بڻجڻ کان پوءِ جڏهن پهريون ڀيرو خيرپور جي دؤري تي آيو ته مان ۽ منهنجو صحافي دوست محترم شاهنواز حيدري، سرڪٽ هائوس ۾ ساڻس ملڻ وياسون. جتوئي صاحب اسان کي فوري طور تي ملاقات لاءِ گهرايو. اُن ملاقات ۾ مون ڪيس چيو ته خيرپور ۾

پريس ڪلب نہ آهي، پريس ڪلب لاءِ جڳهہ ڏيو تہ پريس ڪلب کوليون. جتوئي صاحب سان ملاقات دؤران خيرپور جو ڊپٽي ڪمشنر بہ موجود هو. جتوئي صاحب اُن ڏانهن ڏٺو ۽ کيس چيو تہ صحافين کي پريس ڪلب لاءِ جڳهہ ڏيو.اُن تي ڊي سي صاحب چيو تہ ڪا جڳهہ خالي هُجي تہ صحافي ٻڌائن تہ اُها کين ڏئي ڇڏينداسون. مون کيس ٻڌايو تہ سرڪٽ هائوس ڀاهران انفارميشن آفيس جي ڀر ۾ هڪ جڳهہ سالن کان بند پئي آهي. اُها جڳهہ اسان جي حوالي ڪيو. جيڪا پريس ڪلب لاءِ موزون رهندي. جنهن تي محترم غلام مصطفيٰ جتوئيءَ ڊپٽي ڪمشنر کي حڪم ڏنو تہ اوهان صحافين سان گڏجي وڃو ۽ اُها بند پيل جڳهہ کولي، منهنجي هتي موجودگيءَ تائين صحافين جي حوالي ڪري اچو. ڊپٽي ڪمشنر وڏي وزير جي حڪم تي اسان سان گڏجي هليو ۽ اُن بند پيل جڳهہ جا تالا ٽوڙائي اُها جڳهہ اسان جي حوالي ڪئي. بعد ۾ اسان سرڪٽ هائوس ۾ وڃي جتوئي صاحب سان ٻيهر ملياسون ۽ پريس ڪلب لاءِ جڳهہ ڏيڻ تي سندس ٿورا مڃياسون.

ٻئي ڏينهن ڊي سي صاحب پاران کولي ڏنل اُن جڳهہ جي وچي صفائي ڪرائي سون. جڳهہ جي اندران سالن جو ڄارو ڇڙهيل هو ۽ سڄي جڳهہ ڀوت بنگلو بڻيل هئي. اسان

فوري طور تي جڳهہ جو رنگ ڪرايو. انهن ڏينهن ۾ جڳهہ جو رنگ ڪرائڻ تي اسان جا هڪ سؤ روپيہ خرچ ٿيا. بعد ۾ آئون محترم شاهنواز حيدريءَ کي ساڻ ڪري سکر وٺي ويس، اُتان مون 9 سو روپين جو فرنيچر خريد ڪيو. 5 روپين ۾ ڪُرسي ۽ 10 روپين ۾ ٽيبل ملي. فرنيچر جي ٽرڪ پري خيرپور ڪٺي آياسون تہ سڄو پريس ڪلب فرنيچر سان پرجي ويو.

شروعات ۾ اُن پريس ڪلب ۾ شاهنواز حيدري ۽ آئون صرف بہ ڄڻا ويهندا هئاسون. اُنهن ڏينهن ۾ اڪبر زيدي هنڱورجا وارو ۽ ابراهيم عباسي کهڙن وارو بہ خيرپور ۾ صحافت ڪندا هئا. ابراهيم عباسي صحافت ڪرڻ سان گڏ خيرپور ۾ دوڪان بہ هلائيندو هو ۽ پريس ڪلب ۾ گهٽ ايندو هو. جڏهن تہ اڪبر زيدي پنج گولي واري چؤڪ تي هڪ ننڍي دوڪان ۾ ويهندو هو ۽ اُن دوڪان تي پريس ڪلب جو بورڊ هڻي ڇڏيو هُئائين. اُهو بہ پريس ڪلب ۾ ڪڏهن ڪڏهن ايندو هو. شاهنواز حيدري دل جو سخي ماڻهو هو. چيائين تہ وزير اعليٰ غلام مصطفيٰ جتوئيءَ کان پريس ڪلب اوهان ورتو آهي. پاڻ في الحال صرف بہ ڄڻا آهيون ـ وڏي ڳالهہ تہ ٻئي ڄڻا روزانہ ”عبرت“ جا نمائندا هئاسون. روزانہ ”عبرت“ انهن ڏينهن ۾ سنڌ جي وڏي اخبار هئي. شاهنواز حيدريءَ ”عبرت“ اخبار ۾ منهنجي پريس ڪلب

خيرپور جو باني صدر چوندجڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو ۽ پنهنجي لاءِ باني جنرل سيڪريٽري جي عهدي جو اعلان ڪيائين. بعد ۾ اسان اڪبر زيديءَ جو پنج گولي وارو دوڪان بند ڪرائي ڪيس پريس ڪلب وٺي آياسون. اُهو دؤر هڪٻئي سان نڀائڻ جو دؤر هو. ڪنهن به ڪنهن سان ليکو نه پئي ڪيو. اڪبر زيدي، اي پي پي جو نمائندو هو. اُن خيرپور ۾ صحافت دوران جيڪو وقت گذاريو اسان سان گڏ رهيو. ڪڏهن به ڪنهن عهدي جي لالچ نه ڪيائين. پريس ڪلب کي شاهنواز حيدري ۽ آئون به ڇٽا هلائيندا هئاسون. شاهنواز حيدري سچو ۽ نيڪ نيت ماڻهو هو. اُن ڪڏهن به پريس ڪلب جي صدر ٿيڻ جي لالچ نه ڪئي. چوندو هو ته اسان فقير ماڻهو آهيون، اسان کي نڀائي هلڻو آهي. اُن هوندي به مون کيس 4 پيرا زوريءَ پريس ڪلب جو صدر بڻايو. انهن ڏينهن ۾ ڪنهن به سرڪاري اداري پاران پريس ڪلب کي امداد نه ملندي هئي. پريس ڪلب جو خرچ پنهنجي کيسي مان هلائيندا هئاسون. بعد ۾ شيخ علي محمد ”عبرت“ اخبار ڇڏي روزانه ”هلال پاڪستان“ ۾ هليو ويو ۽ ”هلال پاڪستان“ اخبار جو ايڊيٽر بڻيو ته اُهو مون کي به ”هلال پاڪستان“ ۾ وٺي ويو ۽ مون کي خيرپور ۾ نمائندو مقرر ڪيائين. اُن کان پوءِ شيخ علي محمد صاحب پنهنجي اخبار روزانه ”آفتاب“

حيدرآباد مان گول بلڊنگ وٽان جاري ڪئي ته مون کي خيرپور ۾ روزانه ”آفتاب“ جو نمائندو ڪري رکيائين. روزانه ”آفتاب“ جو نمائندو ۽ خابڙو هئڻ دؤران مان روزانه ”آفتاب“ ۾ ”ڳالهين تي ڳالهيون“ جي عنوان سان روزانو مزاحيه ڪالم به لکندو رهيس، بعد ۾ شيخ علي محمد جي وفات ڪان پوءِ آئون اردو صحافت ۾ هليو ويس ۽ روزانه ”نواءِ وقت“ جي نمائندگي ورتي. روزانه ”نواءِ واقت“ ۾ نمائندگي ڪرڻ دؤران اخبار کي خبرون موڪلڻ سان گڏ تحقيقي اسٽوريون به موڪليندو رهيس. منهنجون تحقيقي اسٽوريون اڪثر طور تي اخبار جي سُپر لِيڊِ بڻجنديون رهيون، جنهن سبب اردو صحافت ۾ منهنجي هاڪ هلي وئي. انهن ڏينهن ۾ ”نواءِ وقت“ ڪراچيءَ مان تازو جاري ٿي هئي. ”نواءِ وقت“ ڪراچي جي اُن وقت جي انتظاميا پاران اخبار مٿان ڀرپور توجهه ڏيڻ سبب ٿوري ئي عرصي ۾ ”نواءِ وقت“ جي سنڌ ۾ سرڪيوليشن ڪافي وڌي وئي ۽ سنڌ ۾ روزانه ”جنگ“ ڪان پوءِ ٻئي نمبر تي روزانه ”نواءِ وقت“ پڙهجڻ لڳي. جڏهن ته مون ”نواءِ وقت“ ۾ تحقيقي اسٽوريون لکڻ جو سلسلو جاري رکيو. انهن ڏينهن ۾ اردو صحافت ۾ روزانه ”نواءِ وقت“ جو مقابلو روزانه ”جنگ“ سان هو. روزانه ”جنگ“ جي اُن وقت جي ايڊيٽر اِنچيف محترم مير خليل الرحمان منهنجون ”نواءِ وقت“ ۾ تحقيقي اسٽوريون

پڙهي روزانہ ”جنگ“ جي حيدرآباد جي اُن وقت جي سول ايجنٽ (سليمان برادرس) جي معرفت مون ڏانهن ساڻس ملڻ جو نياپو موڪليو. نياپو ملڻ کان پوءِ آئون محترم مير خليل الرحمان سان ملڻ لاءِ روزانہ ”جنگ“ ڪراچي جي دفتر ۾ ساڻس ملڻ ويس تہ مير صاحب وڏي عزت ڏني ۽ روايتي خلوص سان آدر ڀاءُ ڪيو. ملاقات ۾ ڳالهين دؤران مير صاحب مون کي مخاطب ٿي چيو تہ اوهان سنڌ ٿا لکو اوهان جون لکڻيون ۽ تحقيقي اسٽوريون مون کي پسند آهن. منهنجي خواهش آهي تہ اوهان روزانہ ”جنگ“ جوائن ڪيو ۽ پنهنجون لکڻيون ”جنگ“ کي موڪليو. محترم مير خليل الرحمان صاحب جي ڳالهہ ٻڌڻ کان پوءِ مون سندس خواهش مطابق روزانہ ”جنگ“ جوائن ڪئي ۽ خيرپور ۾ ”جنگ“ جو نمائندو ٿي ويس. بعد ۾ جڏهن جنگ گروپ ”جيو نيوز“ جي نشريات شروع ڪئي تہ جنگ گروپ جي پاليسيءَ تحت آئون خيرپور ۾ ”جيو نيوز“ جو بہ نمائندو ٿي ويس. جنگ گروپ ۾ ڪم ڪندي مون کي لڳ ڀڳ ٽيهہ سال ٿي ويا آهن ۽ آئون اجان تائين جنگ گروپ سان سلهاڙيل آهيان.... تہ هاڻي اچئون ٿا محترم غلام رسول صديقيءَ جي نياپي واريءَ ڳالهہ تي، تہ شام جو 7:00 وڳي آئون محترم غلام رسول صديقيءَ جي وڪالت واري آفيس ۾ ويس تہ سنڌ جو ناليوارو کهاڻيڪار ۽ ڪچي

جو بااثر زميندار محترم نسيم احمد ڪرل مون کان اڳ صديقي صاحب وٽ ويٺو هو. جنهن کي بعد ۾ 14 جولاءِ 1978ع تي سندس ڪچي واري ڳوٺ پرسان ٻنيءَ واري اوطاق تي سُتي پئي بيدرديءَ سان قتل ڪيو ويو. واقعي ڪانپوءِ وارثن سندس جسد خاڪي خيرپور کڻي اچي شهر ۾ دفنايو. چو تہ نسيم احمد ڪرل پنهنجي حياتيءَ جو وڏو عرصو خاندانَ سميت خيرپور شهرَ ۾ گذاريو هو. سندس مزار درگاهہ شهيد بادشاهہ پرسان شهرَ جي جادو شاهہ قبرستانَ ۾ آهي. صديقي صاحبَ وٽ هُو مون کان بہ اڳائي منٽ اڳ آيو هُيو. صديقي صاحب اُنَ سان خير عافيت ڪري چڪو هو. آئون صديقي صاحب ۽ نسيم احمد ڪرل سان ملي ڪُرسيءَ تي ويٺس تہ صديقي صاحب پنهنجي مُلازمَ کي سڏيو ۽ ڪيس چانهہ کڻي اچڻ لاءِ چيو. غلام رسول صديقي ڀرااڙيءَ جي ”گڏيجي“ ڳوٺ جو ويٺل هو. وڪالت واري ڊگري پاس ڪري 1945ع ۾ گڏيجيءَ مان خيرپور ۾ آيو ۽ وڪالت شروع ڪيائين. اُهو خيرپور رياست جو دؤر هيو. چون ٿا تہ اُن دؤر ۾ صديقي صاحب سميت صرف 10 وڪيل رياست جي عدالتن ۾ وڪالت ڪندا هئا. صديقي صاحب خيرپور رياست جي آخري اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊيو ۽ بعد ۾ رياست جي اسيمبليءَ جو ڊپٽي اسپيڪر ٿيو. جڏهن تہ 1964ع ۾ فيلڊ

مارشل جنرل محمد ايوب خان جڏهن بنيادي جمهوريت جي نظام جو بنياد وڌو، تہ صديقي صاحب يونين ڪائونسل گڏيجيءَ جو چيئرمين چونڊيو. بعد ۾ محترم ذوالفقار علي ڀُٽي جڏهن پيپلز پارٽي ٺاهي تہ اُن محترم صديقي صاحب کي پيپلز پارٽي ضلعي خيرپور جو صدر مقرر ڪيو. جيڪو 22 نومبر 1984ع جي وفات واري ڏينهن تائين پارٽيءَ جو ضلعي صدر رهيو. ڀُٽي صاحب 1970ع واري ڏاڪي ۾ محترم غلام رسول صديقيءَ کي سينيٽر بہ چونڊرايو. صديقي صاحب هر دل عزيز ۽ وڏو اوطاقي مڙس هو. سندس اوطاق تي ماڻهن جا ميلا لڳل هوندا هئا. ڀهراڙيءَ جا اڪثر ماڻهو، جيڪي ڪورٽن ۾ ڪيسن جي شنوائين يا ٻين ڪمن سانگي خيرپور ايندا هئا ۽ انهن کي رات خيرپور ۾ پئجي ويندي هئي، تہ اُهي صديقي صاحب وٽ اچي رهندا هئا. جڏهن تہ ڪيترا ماڻهو صبح جو ناشتو ۽ مانجهاندو بہ صديقي صاحب وٽ ڪندا هئا. صديقي صاحب ۽ محترم نسيم احمد ڪرل، مون سان خُوش خير عافيت ڪئي، ايستائين چانهہ بہ اچي وئي.

چانهہ پيئي سون تہ صديقي صاحبُ مون سان مخاطب ٿيو ۽ چيائين تہ جنهن مقصد لاءِ اوهان کي آڻايو اٿم، اُن باري ۾ محترم نسيم احمد ڪرل ۽ آئون پاڻ ۾ بہ ٽي دفعا گڏجاڻيون ڪري چڪا آهيون. اسان ٻنهي متفق ٿي اوهان سان هيءَ

گڏجاڻي رکي آهي. اوهان ۽ اسان ٽئي ڇڻا ڀهراڙيءَ جا آهيون. هتي 1965ع ۾ ٽيڪنيڪل ڪاليج قائم ٿيو هو. هاڻي تازو سپريئر سائنس ڪاليج بہ قائم ٿيو آهي. جڏهن تہ هِتي ممتاز ڪاليج بہ آهي پر ڀهراڙيءَ جا جيڪي غريب شاگرد خيرپور شهر جي تعليمي ادارن ۾ پڙهڻ اچن ٿا، انهن سان رهائش ۽ کاڌ خوراڪ جو مسئلو آهي. اسان ٻُڌو آهي تہ اوهان ڪافي شاگردن کي پاڻ وٽ رهائش ۽ کاڌ خوراڪ جي سهولت ڏني آهي. اسان وٽ ڀهراڙيءَ جا ڪافي غريب شاگرد اچن ٿا، اُهي رهائش لاءِ گهڻو پريشان هوندا آهن. اسان انهن غريب شاگردن کي اوهان ڏانهن موڪليون تہ اوهان وٽ وڏيڪ ڪيترن شاگردن جي رهائش ۽ کاڌ خوراڪ جو بندوبست ٿي سگهندو. جڏهن تہ الله تعاليٰ اوهان کي ڪافي ٻَني ۽ ٻيو گهڻو ڪجهہ ڏنو آهي. ثواب ۽ نيڪيءَ جو ڪم آهي. صديقي صاحب جي ڳالهہ ٻڌي مون کي ڏاڍي خوشي ٿي ۽ مون ڪيس چيو تہ مون وٽ ڀهراڙيءَ جي مختلف ڳوٺن جا 11 غريب ٻار رهن ٿا. مون انهن کي مفت رهائش ۽ کاڌخوراڪ جي سهولت ڏني آهي. اوهان وٽ جيڪي غريب ٻار اچن ٿا، انهن کي پلي مون ڏانهن موڪليو. مون وٽ جيتري گنجائش هوندي انهن سڀني ٻارن کي مفت رهائش ۽ کاڌخوراڪ ملندي. محترم صديقي صاحب ۽ محترم نسيم احمد کرل منهنجي ڳالهہ ٻڌي خوش

ٿيا ۽ چيائون تہ رَبُ سائين اوهان کي وڏيڪ جَجَهو ۽ گَنجُ ڏيندو. بئي ڏينهن محترم نسيم احمد ڪرل دادو ضلعي جي هڪ ٻارَ محمد صادق عباسيءَ کي مون ڏانهن موڪليو. جيڪو دادوءَ مان سپريئر سائنس ڪاليج خيرپور ۾ پڙهڻ آيو هو. مون اُن کي پاڻ وٽ رهائش ڏني، بعد ۾ صديقي صاحب ۽ ڪرل صاحب مون وٽ رهائش لاءِ غريبن جا ٻار موڪليندا رهندا هئا. انهن ڏينهن ۾ منهنجي رهائش فيض آباد ڪالونيءَ جي هڪ سرڪاري بنگلي ۾ هئي. اُهو بنگلو منهنجي سؤٽ محترم ممتاز حسين پنهيري الاٽ ڪرايو هيو. محترم ممتاز حسين پنهيرو زراعت کاتي جو آفيسر هو جنهن کي سرڪاري گاڏي مليل هئي ۽ هُو اُن گاڏيءَ ۾ خيرپور مان روز ڳوٺ موٽي ويندو هو. سندس جڳهہ غريب ٻارن کي پڙهائڻ لاءِ منهنجي حوالي هوندي هئي. ممتاز صاحب ڪڏهن سندس نالي الاٽ ٿيل جڳهہ ڇڏيندو هو تہ پنهنجي جڳهہ ۾ غريب ٻارن کي ڏسي ڏاڍو خوش ٿيندو هو ۽ ڪين خرچي بہ ڏيئي ويندو هو.فيض آباد ڪالونيءَ واري اُها جڳهہ 1978ع تائين اسان وٽ رهي. بعد ۾ مون شهر جي ٻُنٽڙو محلي ۾ مسواڙ تي اچي جڳهہ ورتي، اُن جڳهہ ۾ بہ غريب ٻارن کي رهائش ۽ کاڌخوراڪ جي سهولت ڏني.

بعد ۾ 1984ع ۾ ميونسپل ڪميٽي خيرپور جي چيئرمين خليفي عبدالمجيد شيخ مون کي ميرواهه ڪئنال جي پير ۾ پلاٽ الاٽ ڪري ڏنو جتي مون پنهنجي جڳهه نهرائي. اُتي ٻه هاڻي تائين غريب ٻارن کي رهائش ۽ کاڌخوراڪ ڏيڻ جو سلسلو جاري آهي.

ميرواهه ڪينال ڪِناري جڳهه نهرائڻ کان پوءِ، حضرت پير سيد شاهه مردان شاهه ثانيءَ جن 1990ع ۾ پيپلز پارٽيءَ جي حڪومت ختم ٿيڻ کانپوءِ، جڏهن پهريون ڀيرو مون وٽ ميرواهه ڪينال واري رهائشگاهه تي دُعا جا پير گهمائڻ آيا، ته ميرواهه ڪينال جو بند ڪچو ڏسي تعجب ۾ پئجي ويا ۽ چيائون ته هي سهڻو واهُه وچ شهر مان گذري ٿو اُن جو بند پڪو ڇو نه ٿيو آهي! جڏهن ته هن شهر جو قائم علي شاهه صاحب ڪافي وقت سنڌ جو وڏو وزير رهيو اُن پنهنجي شهر جي هن خوبصورت واهه جي ڪچي بند مٿان پڪو روڊ ڇو ڪو نه نهرايو!!! هاڻي اِهو ڪچو بَندُ اسان پڪو ڪرائيندا سون. پير صاحب پاران ميرواهه ڪينال جي ڪچي بند کي پڪو ڪرڻ واري ڳالهه ڪري وڃڻ جي چند ڏينهن کان پوءِ روڊس کاتي وارا آيا، روڊ جي سروي ڪري ويا، روڊ جي سروي ڪرڻ وارن روڊس کاتي جي ملازمن ٻڌايو ته پير صاحب پاڳاري جو زور آهي ته ميرواهه ڪينال جو ڪچو

بند جلد کان جلد پڪو ٿئي. ٿورن ڏينهن کان پوءِ ميرواهه ڪينال جي ڪچي بند مٿان پڪو روڊ ٺاهڻ جو ٺيڪو ٿيو ۽ پير سيد شاهه مردان شاهه ثانيءَ جي دُعائن سان ميرواهه ڪينال جي ڪچي بند مٿان پڪو روڊ ٺهي ويو. ميرواهه ڪينال جي ڪچي بند مٿان روڊ ٺهڻ کان پوءِ روڊ ڪناري ڪيترين ئي خوبصورت عمارتون ۽ وڏا ڪاروباري مرڪز ٺهي ويا آهن....

# داستان ٻيو

## ڏهہ مهينا ڏهہ ڏينهن جيل ياترا جو قصو

1989ع ۾ محترما بي نظير ڀٽو پاڪستان جي وزير اعظم هئي ۽ سيد قائم علي شاهہ سنڌ جو وڏو وزير هو. سندس دؤر ۾ سائين جي ايم سيد، محمد بن قاسم پارڪ سکر ۾ جلسو ڪرڻ آيو هو. جي ايم سيد صاحب ڪراچي ايئرپورٽ تان هوائي جهاز ۾ چڙهي سکر ايئرپورٽ تي لٿو هو، پر هُو اجان ڪراچيءَ ۾ هو ۽ جهاز ۾ سوار ئي نہ ٿيو هو تہ هڪ ننڍي عمر جي نابالغ ذهن ڇوڪري، سکر ايئرپورٽ جي عمارت تي چڙهي عمارت تان قومي جهنڊو لاهڻ جي ڪوشش ڪئي، جنهن ڪي ايئرپورٽ جي سيڪورٽي عملي ۽ پوليس اهلڪارن پڇائي ڪڍيو. پوليس وارا ان کي پڪڙڻ لاءِ سندس پويان بہ پيا، پر هُو سيد جي استقبال لاءِ آيل ماڻهن جي هجوم ۾ داخل ٿي غائب ٿي ويو ۽ پڪڙجڻ کان بچي ويو.

ننڍيءَ عمر جي نابالغ ذهن واري اُنَ ڇوڪرَ پاران ايئرپورٽ جي عمارت تي چڙهي قومي جهنڊو لاهڻ واري وقت، آئون ايئرپورٽ تي موجود نہ هوس، پر واقعي جي معلومات وٺڻ

تي خبر پئي تہ ننڍيءَ عمر واري ڇوڪري جي اُنَ ڇوڪراڻي حرڪت ڪرڻ ڪان اٽڪل تي ڪلاڪ پوءِ محترم جي ايم سيد جو ڪراچيءَ ڪان اُڏاڻل جهاز سکر ايئرپورٽ تي لٿو بعد ۾ سيد جا ڪارڪُن ڪيس وڏي جلوس ۾ محمد بن قاسم پارڪ وٺي آيا، جتي آئون بہ سيد صاحب جو جلسو ڏسڻ ۽ سندس تقرير ٻڌڻ لاءِ ويو هوس. سياستدانن جا جلسا ڏسڻ، سندن تقريرون ٻڌڻ، مشاعرن، ادبي ۽ سماجي ميڙاڪن ۾ وڃڻ جو شوق مون کي جوانيءَ ڪان هو. مون محترم ذوالفقار علي ڀُٽي ۽ پير سيد شاهہ مردان شاهہ ثانيءَ جا گهڻي ڪان گهڻا جلسا ڏٺا. مون محترم ذوالفقار علي ڀُٽي جو مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ جي ميزبانيءَ ۾ ڪرايل، هالا وارو ڪنوينشن بہ ڏٺو. مون فيلڊ مارشل جنرل محمد ايوب خان جي دور ۾ ڀُٽي صاحب جو حيدرآباد ۾ مير رسول بخش ٽالپر جي ڦليلي باغ وارو تاريخي جلسو بہ ڏٺو. مون محترم ذوالفقار علي ڀُٽي جي وزير اعظم بڻجڻ ڪان پوءِ سندس سانگهڙ ۽ سکر اسٽيڊيم وارا جلسا بہ ڏٺا. سانگهڙ پير صاحب پاڳاري جي حُر جماعت جو ضلعو سمجهيو ويندو آهي. شهيد پير صبغت الله شاهہ سورهيہ بادشاهہ انگريزن خلاف گوريلا ويڙهہ جو مرڪز بہ سانگهڙ کي بڻايو هو. حُرن، انگريزن خلاف اهڙي جوان مرديءَ سان ويڙهہ وڙهي، جو انگريز ڀاڙي ۽ بزدل ٿي، هي خطو

خالي ڪري ڀڄي هليا ويا. انگريز سامراج جي هٿان ڀاڄ ڪرڻ سبب مسلمان قوم کي آزادي ملي ۽ پاڪستان وجود ۾ آيو. فيلڊ مارشل جنرل محمد ايوب خان جي دؤر ۾ پاڳارا خاندان جو ملڪ گير سطح تي وڏو سياسي اثر و رسوخ هو. جڏهن ته جنرل ضياءُ الحق ۽ جنرل پرويز مشرف جي حڪومتن ۾ به پاڳارا خاندانُ ملڪ جي سياست تي ڇانيل رهيو.

1970ع ۾ جنرل محمد يحيٰ خان عام چونڊون ڪرايون. سنڌ ۾ پيپلز پارٽيءَ جي اُميدوارن جا مقابلا پير صاحب پاڳاري (پير سيد شاهه مردان شاهه ثاني) جي اُميدوارن سان ٿيا. اليڪشن ۾ اُميدوارن جذباتي تقريرون ڪيون. ڪجهه هنڌن تي اليڪشن مهم دؤران پيپلز پارٽيءَ جي ڪارڪنن ۽ حُر جماعت جي ماڻهن جي وچ ۾ جهڙپون به ٿيون. جنهن سبب ڀُٽي صاحب ۽ پاڳارا خاندان ۾ سياسي ويڇوٽيون پيدا ٿيون.

1970ع وارين عام چونڊن ۾ اولهه پاڪستان ۾ محترم ذوالفقار علي ڀُٽي جي پيپلز پارٽيءَ ۽ اوڀر پاڪستان ۾ شيخ مجيب الرحمان جي عوامي ليگ اڪثريت سان سيٽون کٽيون. اوڀر پاڪستان جون سيٽون اولهه پاڪستان کان وڌيڪ هيون پر شيخ مجيب الرحمٰن کي حڪومت نه ڏني

وئي. اقتدار جي ڪشمڪش دؤران محترم ڀُٽي صاحب ”اِدهر هم، اُدهر تم“ جي بہ ڳالهہ ڪئي، جنهن تي سياست ۾ وڏي هلچل مَتِي ۽ گرم ماحول پيدا ٿيو ۽ صورتحال اُتي وڃي پهتي جو اوڀر پاڪستان اسان جي هٿن مان هليو ويو. اوڀر پاڪستان جي هٿن مان هليو وڃڻ ڪان پوءِ، جنرل يحيٰ باقي بچيل ملڪ جون واڳون محترم ذوالفقار علي ڀُٽي جي حوالي ڪيون. اوڀر پاڪستان جي جدا ٿيڻ جو سانحو وڏو سانحو هو. جنهن سبب قوم ۾ وڏي مايوسي پکڙي. ان مايوسيءَ کي ختم ڪرڻ لاءِ ڀُٽي صاحب ملڪ کي نئون آئين ڏيڻ ۽ عوام سان ملڻ لاءِ ملڪ گير سطح تي جلسا ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. ان فيصلي تحت ڀُٽي صاحب سنڌ ۾ سانگهڙ، سکر ۽ ٻين هنڌن تي جلسا ڪرڻ جو اعلان ڪيو. سانگهڙ ۾ جلسو ڪرڻ واري اعلان ڪان پوءِ حُر جماعت ۽ پيپلز پارٽيءَ جي ڪارڪُنن ۾ ڇڪتاڻ پيدا ٿي ۽ سانگهڙ ضلعي جي مختلف ڳوٺن ۽ شهرن ۾ ”پيج پاڳارا“ ۽ ”جيئي ڀُٽو“ جي نعري بازيءَ دؤران ٻنهي ڌُرين جي ڪارڪُنن ۾ جهيڙا ٿيا. ٻنهي ڌرين جي وچ ۾ ڪشيدگي ۽ ڇڪتاڻ جي باوجود ڀُٽو صاحب سانگهڙ ۾ جلسو ڪرڻ آيو. جلسي واري ڏينهن ڀُٽي صاحب جي سانگهڙ ۾ اچڻ ۽ جلسو ڪري واپس وڃڻ تائين، سانگهڙ شهر سميت

ڪيترن ئي هنڌن تي پيپلز پارٽيءَ جي ڪارڪنن ۽ حُر جماعت جي ماڻهن جي وچ ۾ ڦَڏا ٿيا ۽ ڇڪتاڻ هلي.

ڀٽو صاحب سانگهڙ اچڻ لاءِ اڃان رستي ۾ هو تہ سرڪاري خابرو ادارن ۽ پيپلز پارٽيءَ جي اڳواڻن سانگهڙ ۾ حُر جماعت ۽ پيپلز پارٽيءَ جي ڪارڪُنن ۾ پيدا ٿيل ڇڪتاڻ واري صورتحال جي ڀُٽي صاحب کي آگاهي ڏني، جنهن جو ڀُٽي صاحب وڏو اثر ورتو. سانگهڙ واري جلسي جي سيڪيورٽي ۽ ڀُٽي صاحب جي حفاظت لاءِ سڄي سنڌ مان پوليس فورس کي سانگهڙ گهرايو ويو هو ۽ اُن فورس کي جلسي گاهہ جي چوڌاري ۽ جلسي ڏانهن ايندڙ ويندڙ رستن تي مقرر ڪيو ويو. جلسو شروع ٿيو. ڪجهہ پارٽي اڳواڻن سانگهڙ جي ڇڪتاڻ واري صورتحال تي تقريرون ڪيون، آخر ۾ ڀُٽي صاحب جذباتي تقرير ڪئي ۽ پير صاحب پاڳاري ۽ حُر جماعت لاءِ وڏا جذباتي جملا چيا. جنهن تي جلسي ۾ موجود ماڻهن ۾ وڏو خوف پيدا ٿيو. جلسي ۾ شريڪ اڪثر ماڻهن ڀُٽي صاحب جي جذباتي تقرير تي سانگهڙ ۾ وڏي شورش جو خطرو ظاهر ڪيو. جڏهن تہ جلسي جي ٻئي ڏينهن وارين اخبارن ۾ ڀُٽي صاحب جي جذباتي تقرير وارا جملا جيئن جو تيئن شايع ٿيا. جنهن تي حُر جماعت ۾ وڏو تاءُ پکڙيو. پر پير سيد شاهہ مردان شاهہ ثاني پير پاڳاري، حُر

جماعت کي پُر امن رهڻ ۽ صبر ڪرڻ جون هدايتون ڏنيون، جنهن سبب حُر جماعت ڪا به شورش نه ڪئي.

پُٽني صاحب جو سانگهڙ وارو جلسو ڏسڻ کان علاوه مون پير سيد شاهه مردان شاهه ثانيءَ جا به ڪيترائي جلسا ڏٺا ۽ سندن تقريرون ٻڌيون. پير صاحب جون تقريرون ڏاهپ ۽ ٺٽڏي مزاج واريون هونديون هيون. هو معنيٰ خيز ۽ سمجهاڻيءَ واري انداز ۾ ڳالهائيندو هو. سندس تقريرن ۾ ڳالهائڻ مان اڪثر ماڻهو لطف اندوز ٿيندا هئا. مون سابق وزير اعظم محمد خان جوڻيجي جو ممتاز گرائونڊ وارو جلسو سندس ويجهو ويهي ڏٺو ۽ سندس تقرير ٻڌي. جوڻيجي صاحب پنهنجي تقرير ۾ شاهه عبداللطيف ڪئمپس کي مڪمل يونيورسٽيءَ جو درجو ڏيڻ جو اعلان ڪيو. مون ميان محمد نواز شريف، بيگم نسيم ولي خان، سردار شير باز مزاري، نوابزاده نصر الله خان، مير رسول بخش ٽالپر، مير علي احمد ٽالپر، مخدوم شاهه محمود قريشي، سيد غوث علي شاهه، منظور حسين وساڻ ۽ ٻين ڪيترن ئي سياستدانن جا به جلسا ڏٺا. مون ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي، رئيس الاهي بخش ٻانيڻ، رئيس حاجي عطا محمد لنڊ، عظيم شاعر شيخ اياز، رسول بخش پليجو، سيد امداد محمد شاهه، عطا محمد پنپيرو، ڊاڪٽر تنوير عباسي، رشيد ڀٽي، عبدالواحد آريسر، ڪامريڊ

ڄام ساقي، ڪامريڊ نظير عباسي، ڪامريڊ غلام رسول سهتو، ڪامريڊ علي احمد ڏوگر، ڪامريڊ لالا شاهه محمد دراني، 4 مارچ جي هيرو يوسف لغاري، رسول بخش اُنڙ، بيگم گلزار اُنڙ، بشير خان قريشي ۽ گل محمد جکراڻيءَ جون به تقريرون ٻڌيون ۽ سندن جلسا ڏٺا.

جلسا ڏسڻ، قومي ۽ مقامي اڳواڻن جون تقريرون ٻڌڻ واري چاهت جي تسلسل کي برقرار رکندي، مان سائين جي ايم سيد جو سکر وارو جلسو ڏسڻ ۽ سندس تقرير ٻڌڻ لاءِ محمد بن قاسم پارڪ سکر ويو هوس. جتي ماڻهن جو وڏو هجوم ۽ ميلو لڳل هو. سائين جي ايم سيد کي ويجهو کان ڏسڻ ۽ سندس تقرير ٻڌڻ لاءِ جلسي جي اسٽيج ڏانهن وڃڻ جي ڪوشش ڪيم، پر جلسي ۾ ماڻهن جي وڏي پيهه ۽ رش سبب اسٽيج جي ويجهو وڃي نه سگهيس. بعد ۾ جلسي گاهه جي ڪُنڊَ تي لڳل هڪ لائوڊ اسپيڪر پرسان بيهي سيد صاحب جي تقرير ٻُڌم. اُها به هجوم جي گوڙَ نعري بازي ۽ رش سبب صحيح ٻڌي نه سگهيو هوس. سائين جي ايم سيد جي تقرير جا جيڪي لفظ ٻڌڻ ۾ آيا، انهن ۾ هن سنڌي ماڻهن سان زيادتين ۽ کين برابر جا حق نه ملڻ جي شڪايت ڪئي ۽ سنڌ جي ماڻهن کي سجاڳ ٿيڻ جي اپيل ڪئي. سکر واري جلسي ۾ خان بهادر محمد ايوب کهڙي جي صاحبزادي ۽

ناليواري سنڌي دانشور ميڊم حميده کهڙو به شريڪ ٿي هئي، جيڪا سائين جي ايم سيد سان هوائي جهاز ۾ سکر آئي هئي. جلسي جي ايف آءِ آر ۾ ان جو نالو به ڏنو ويو هو. جلسو ختم ٿيڻ کان پوءِ سائين جي ايم سيد کي بلوچستان ويندي، سندس پنجاهه کان وڌيڪ ساٿين سميت گرفتار ڪيو ويو. گرفتاريءَ کان پوءِ سائين جي ايم سيد کي ڪراچيءَ نيو ويو، جتي کيس "حيدر منزل" ۾ نظر بند ڪيو ويو. جڏهن ته ساڻس گڏ گرفتار ڪيل سندس ساٿين کي سکر آڻي سينٽرل جيل سکر ۾ قيد ڪيو ويو. ميڊم حميده کهڙو، سائين جي ايم سيد جي بلوچستان وڃڻ واري قافلي ۾ شامل نه هئي ۽ جلسو ختم ٿيڻ کان پوءِ ڪراچيءَ هلي وئي هئي، تنهن ڪري گرفتاريءَ کان بچي وئي.

بعد ۾ پيپلز پارٽيءَ جي حڪومت ڊهڻ کان پوءِ رئيس غلام مصطفيٰ جتوئيءَ کي نگران وزير اعظم ۽ ڄام صادق عليءَ کي سنڌ جو نگران وڏو وزير بڻايو ويو. ڄام صادق عليءَ جيڪا سنڌ جي نگران ڪابينا ٺاهِي، اُن ۾ ميڊم حميده کهڙو کي سنڌ جي تعليم واري کاتي جي وزارت جو قلمدان ڏنو. هتي ڳالهه پئي هلي سائين جي ايم سيد جي سکر واري جلسي جي، ته جلسو پورو ٿيڻ کان پوءِ آئون خيرپور هليو آيس، رات پنهنجي خيرپور واري گهر ۾ رهيس. صبح جو پوليس جو وڏو

اٿالو منهنجي رهائش گاهه تي آيو. پوليس وارن ٻڌايو ته اسان سکر مان آيا آهيون، اوهان کي سکر وٺي هلنداسون. انهن سان خيرپور جا پوليس وارا به گڏ هئا. انهن ٻڌايو ته ڪالهه محترم جي ايم سيد سکر ۾ جلسو ڪيو هو. اُن جلسي جو جي ايم سيد مٿان ڪيس داخل ٿيو آهي. اُن ڪيس ۾ اوهان جو نالو به شامل آهي. تنهن ڪري اوهان سکر پوليس سان گڏجي سکر وڃو. مون کين چيو ته اوهان منهنجي جڳهه ۾ اندر اچو، ڇو ته لڳي ٿو ته هن ڪيس ۾ ڪافي ڏيگهه ٿيندي، تنهن ڪري ڪجهه ضروري سامان ۽ ڪپڙن جا ٻه چار جوڙا کڻان ته هلئون ٿا. اُن تي سکر جا پوليس وارا مون سان گڏ جڳهه ۾ اندر آيا. مون سامان جي سادي سودي بيگ تيار ڪئي. بعد ۾ پوليس وارا مون کي سکر وٺي آيا.

سيد صاحب جي جلسي وارو ڪيس سکر جي سي سيڪشن ٿاڻي تي داخل ٿيو هو. پر سي سيڪشن ٿاڻي ۾ لاڪپ نه هجڻ سبب پوليس وارا مون کي اي سيڪشن ٿاڻي تي کڻي آيا ۽ اي سيڪشن ٿاڻي جي لاڪپ ۾ قيد ڪيائون، جتي سکر جو جاويد ميمڻ ۽ روهڙي، پنو عاقل جا ڏهاڪو کن نوجوان مون کان اڳ اُن لاڪپ ۾ واڙيل هئا. سائين جي ايم سيد جي سکر ۾ جلسو ڪرڻ دؤران علي گوهر مناٽي سکر جو ايس پي هو، جيڪو سکر ۾ مقرر ٿيڻ کان اڳ خيرپور جو ايس

پي هو. خيرپور ۾ سندس مقرريءَ دؤران سڄي ضلعي ۾ بدامنيءَ جي باهه ٻريل هئي.

آئون انهن ڏينهن ۾ خيرپور ۾ اردو اخبار روزانه ”جنگ“ جو نمائندو هوس. صاف ۽ شفاف صحافتي فرض نڀائڻ ۽ بدامنيءَ جون خبرون ڇاپڻ تي علي گوهر مناڻي مون تي گهڻو ڏمريل هو. جنهن ڪيترائي دفعا منهنجي صحافي دوستن سان منهنجي خلاف ڪاوڙ جو اظهار ڪيو هو. اُها ڪاوڙ ڪيڏڻ لاءِ هن محترم جي ايم سيد جي جلسي واري ڪيس ۾ منهنجو به نالو ڏئي ڇڏيو. محترم جي ايم سيد ۽ سندس ساٿين جي گرفتاريءَ تي سنڌ ۾ وڏا احتجاج ٿيا، جڏهن ته منهنجي گرفتاريءَ تي سکر ۽ خيرپور سميت سنڌ جي صحافين وڏو گُوڙ ڪيو. ڇو ته سائين جي ايم سيد جي سکر واري جلسي ۾ سکر سميت آس پاس جي شهرن ۽ ڳوٺن جا وڏي تعداد ۾ صحافي جلسي جي ڪوريج لاءِ آيا هئا. پوليس جلسي واري ايف آءِ آر ۾ لکيو هو ته جلسي کي غلام عباس پنهيري به خطاب ڪيو. صحافي، پوليس جي اُها ايف آءِ آر پڙهي حيران ٿي ويا، ڇو ته اُهي جلسي جي اسٽيج جي ويجهو ويٺل هئا، انهن جلسي ۾ تقريرون ڪندڙ سيني اڳواڻن جون تقريرون نوٽ ڪيون هيون ۽ انهن جا فوٽو به ڪڍيا هئا.

اُهي ايف آءِ آر ۾ منهنجو نالو ڏسي، ايس پي علي گوهر مناٽيءَ تي گهٽو ڪاوڙيا ۽ سندس خلاف وڏا مظاهرا ڪيا.

سکر ۽ خيرپور جي صحافين گڏجي سکر ۾ ڪيترائي ڏينهن بک هڙتالون بہ ڪيون، پر پوليس صحافين جي احتجاج جي ڪا بہ پرواھ نہ ڪئي ۽ مون کي ان ڪوڙي ڪيس ۾ چالان ڪري سينٽرل جيل سکر موڪلي ڇڏيو. جتي سائين جي ايم سيد سان گڏ گرفتار ٿيل سندس ساٿين گل محمد جکراڻي، مير حيدر ٽالپر، حفيظ قريشي وڪيل، ستار موريو عبدالقيوم منگي، علي نواز ٻُٽُ، سورهيہ سنڌي، باغي بجاراڻي، ۽ ٻين سان ملاقات ٿي، جيڪي جيل جي بي ڪلاس ۾ قيد هئا. جيل انتظاميا مون کي بہ انهن سان گڏ بي ڪلاس ۾ رکيو. محترم جي ايم سيد ۽ سندس ساٿين خلاف سکر پوليس ٻہ ڪيس داخل ڪيا هئا. انهن ۾ هڪ ڪيس محمد بن قاسم پارڪ واري جلسي جو ۽ ٻيو ڪيس سکر ايئرپورٽ تان قومي جهنڊو لاهڻ جو. ايئرپورٽ تان قومي جهنڊو لاهڻ وارو ڪيس آباد ٿاڻي تي داخل ٿيو هو. حالانڪ ايئرپورٽ جي عمارت تان قومي جهنڊو لٿو ئي ڪو نہ هو!

آئون هن ئي مضمون جي شروعات ۾ لکي آيو آهيان تہ هڪ ننڍي عمر جو نابالغ ڇوڪرو ايئرپورٽ جي عمارت

تي چڙهي ويو هو. ان کي ايئرپورٽ جي سيڪورٽي عملي ۽ پوليس وارن جهنڊو لاهڻ کان اڳ ئي پڇائي ڇڏيو هو. اهو ننڍيءَ عمر وارو ڇوڪرو ڪير هو. ان کي ايئرپورٽ جي عمارت تي چڙهڻ لاءِ ڪنهن موڪليو. ان جي ڪا به انڪوائري نہ ٿي، جنهن مان مون کي ائين لڳو تہ ملڪ ۽ قوم کي بدنام ڪرڻ واري سازش تحت ايئرپورٽ تان قومي جهنڊولاهڻ جو اِشو پيدا ڪري ان کي ميڊيا ۾ آندو ويو ۽ ڪوڙو ڪيس داخل ڪيو ويو. جڏهن تہ محمد بن قاسم پارڪ واري جلسي جو الڳ ڪيس داخل ڪيو ويو.

محترم جي ايم سيد ۽ سندس ساٿين خلاف بہ ڪيس داخل ٿيڻ تي جيل ڀريو تحريڪ هلائي وئي. نتيجي ۾ حيدرآباد ۽ نوابشاهہ سميت مختلف شهرن ۽ ڳوٺن جي سوين نوجوانن گرفتاريون ڏنيون. اُن وقت سيد قائم علي شاهہ سنڌ جو وڏو وزير هو، جنهن ايڏي وڏي احتجاج ڏانهن ڪو بہ ڌيان نہ ڏنو. قائم علي شاهہ جيڪڏهن ٿورو بہ ڌيانُ ڏئي ها ۽ پوليس پاران داخل ڪيل ڪيسن جي عدالتي انڪوائري ڪرائي ها تہ سچ ۽ ڪوڙ ظاهر ٿي پوي ها ۽ اهو بہ پڌرو ٿئي ها تہ سکر ايئرپورٽ جي عمارت تي ننڍي عمر وارو ڇوڪرو ڪنهن چاڙهي موڪليو؟! پر قائم علي شاهہ صاحب هنن حساس ڪيسن ڏانهن توجهہ نہ ڏنو ۽ سڄو معاملو پوليس جي حوالي

ڪري ڇڏيو. جنهن ۾ پوليس پنهنجي مرضي هلائي، ٻئي ڪيس حيدرآباد ۾ قائم ڪيل خاص عدالت ۾ چالان ڪري ڇڏيا، ڇو تہ پيپلز پارٽيءَ جي صوبائي حڪومت اهڙا ڪيس هلائڻ لاءِ حيدرآباد ۾ خصوصي عدالت قائم ڪئي هئي.

حيدرآباد واري خصوصي عدالت ۾ ڇهن مهينن کان پوءِ اسان جي ڪيس جي حاضري نڪتي. ڪيس جي حاضريءَ کان هڪ ڏينهن اڳ ٻنهي ڪيسن ۾ گرفتار ٿيل سڀني ماڻهن کي سينٽرل جيل سکر مان ڪڍي سينٽرل جيل حيدرآباد نيو ويو. رات اسان کي حيدرآباد جيل ۾ رکيو ويو، جتي حيدرآباد جيل جا ڪيترائي قيدي اسان سان ملڻ آيا. ٻئي ڏينهن صبح جو اسان کي جيل مان ڪڍي حيدرآباد واري خصوصي عدالت ۾ پيش ڪيو ويو. عدالت اسان کي ڪافي ڏينهن جي ڊگهي حاضري ڏني. بعد ۾ اسان کي واپس سينٽرل جيل سکر آندو ويو. ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ پيپلز پارٽيءَ جي صوبائي حڪومت خيرپور ۾ بہ خصوصي عدالت قائم ڪئي. جنهن تي حيدرآباد واري خصوصي عدالت سکر ايئرپورٽ ۽ محمد بن قاسم پارڪ وارا ٻئي ڪيس خيرپور جي خصوصي عدالت ڏانهن موڪلي ڇڏيا.

بعد ۾ اسان جيل ۾ ئي هئاسون تہ قومي ۽ صوبائي اسيمبليون ٽوڙيون ويون ۽ محترما بينظير ڀٽو جي حڪومت

ختم ڪئي وئي. رئيس غلام مصطفيٰ جتوئيءَ کي پاڪستان جو نگران وزير اعظم ۽ ڄام صادق عليءَ کي سنڌ جو نگران وڏو وزير بڻايو ويو. پيپلز پارٽيءَ جي حڪومت ۾ گرفتاريءَ کان پوءِ خيرپور جي ناليواري وڪيل محترم واليءَ ڏني ناريجي منهنجي ضمانت لاءِ عدالت کي درخواست ڏني هُئي پر ڏهہ مهينا گذري وڃڻ جي باوجود اُن درخواست جي شنوائي نہ ٿي. جڏهن تہ پيپلز پارٽيءَ جي حڪومت ختم ٿيڻ کان پوءِ عدالت منهنجي ضمانت جي درخواست منظور ڪري، مون کي ضمانت تي آزاد ڪرڻ جو حڪم ڏنو. عدالت جو اهو حڪم منهنجو وڪيل محترم واليءَ ڏنو ناريجو سينٽرل جيل ڪٽي آيو ۽ اهو حڪم جيل سپريٽنڊنٽ کي پاڻ اچي ڏنائين. مون کي ضمانت تي آزاد ڪرڻ وارو حڪم جيل سپريٽنڊنٽ کي ملڻ کان پوءِ جيل جو هڪ عملدار مون وٽ بي ڪلاس ۾ آيو ۽ ٻڌايائين تہ اوهان جي آزاديءَ جو حڪم اچي ويو آهي، اوهان جيل مان نڪرڻ جي تياري ڪريو. جيل عملدار جي اهڙي نياپي کان پوءِ مون جيل جي ساٿين کان موڪلايو ۽ پنهنجو سامان تيار ڪيو. ٿوري دير کان پوءِ اهو جيل عملدار ٻيهر مون وٽ آيو ۽ ٻڌائين تہ اوهان جو وڪيل ۽ ٻيا وڏي تعداد ۾ مِٽَ مائٽ ۽ دوست اوهان کي وٺڻ لاءِ جيل جي گيٽ تي آيا آهن. تنهن ڪري اوهان هلو ۽ انهن سان هلي ملو.

مان جيل عملدار سان گڏجي ڀريان جيل سپريٽنڊنٽ جي آفيس آيس. ان ڪان ۽ جيل جي ٻئي عملي ڪان موڪلايو. جيل ڪان ٻاهر آيس تہ منهنجا ڀائر عبدالعزيز، عبدالغفار، عبدالستار، عبدالمجيد، عبدالسميع، منهنجا سؤٽ ممتاز حسين، ارشاد احمد، حاجي عبداللطيف، الهورايو ڀاٽيجا ظفر اياز، خالد ممتاز، فرخ امتياز، عبدالوحيد، مجيب الرحمان، منهنجو پٽ نثار احمد، محترم دوست مور سنڌي ۽ ٻيا چار ٻسون ڪاهي سکر آيا هئا، انهن ٻسن ۾ منهنجي ڳوٺ ۽ آس پاس جا ماڻهو سوار ٿي منهنجي استقبال لاءِ آيا هئا، جن مون کي ۽ منهنجي وڪيل محترم واليءَ ڏني ناريجي کي هار پارايا، بعد ۾ اسان ڳوٺ جي ماڻهن سان گڏجي ڀريان خيرپور آياسون، جو تہ منهنجي خيرپور واري جڳهہ تي بہ وڏي تعداد ۾ ماڻهو منهنجي استقبال لاءِ گڏ ٿيل هئا، انهن سان ملي محترم واليءَ ڏني ناريجي وڪيل کان موڪلائي، پنهنجي ڳوٺ بچل ڀنڀرو آياسون، جتي منهنجو والد محترم حاجي غلام حسين، چاچو محمد بخش، ۽ ٻيا سوين ماڻهو منهنجو انتظار ڪري رهيا هئا. انهن منهنجو گرم جوشيءَ سان استقبال ڪيو. هوڏانهن ڄام صادق عليءَ سنڌ جي نگران وڏ وزارت سنڀالڻ کان پوءِ سائين جي ايم سيد جي محمد بن قاسم پارڪ ۽ سکر ايئرپورٽ وارن ڪيسن جي انڪوائري ڪرائي

تفصيلي رپورٽون گهرايون. ڪيسن سان لاڳاپيل سرڪاري ڪامورن کان معلومات ورتي ۽ پنهنجي ڪيسن جا سمورا رُخَ سامهون رکي پڇا ڳاڇا ڪئي تہ ٻئي ڪيس هٿ جا ٺاهيل افسانا ۽ ڪوڙيون ڪهاڻيون ثابت ٿيا. جنهن تي چار صادق عليءَ ٻئي ڪيس واپس وٺڻ جا حڪم ڏنا. جنهن تي سنڌ جي گهرو کاتي عمل درآمد ڪري، ٻئي ڪيس فوري طور تي واپس وٺي، خارج ڪري ڇڏيا. جنهن کان پوءِ پنهنجي ڪيسن ۾ بيگناهہ قاتل سمورن ماڻهن جي جِندُ آجي ٿي. مون اُنَ ڪوڙي ڪيس ۾ ڏهہ مهينا ڏهہ ڏينهن جيل ۾ گذاريا. جيل کان ٻاهر اچڻ تي مون جيل اندر جيڪي سختيون ۽ صعوبتون پورڳيون، انهن تي مون کي پنهنجي هيءَ وائي زبان تي اچي وئي:

جهاڳيم جاڙَ اُجاڙ الا،
ڪيڏا ڪَشٽَ ڪَشالا پورڳيا.

اندر اندر آڳ اُلا آ،
ڪامي ويو آڪاڙ الا.
ڪيڏا ڪَشٽَ ڪَشالا پورڳيا.

ايڏا ڏک اندر ۾ سانديا،

جيڏا پَبَ پهاڙ الا.
ڪيڏا ڳشٽَ ڳشالا پوڳيا.

سُور اسان وٽ سَگهرا پهتا،
مُحبُ ڪندو ڪا ماڙ الا.
ڪيڏا ڳشٽَ ڳشالا پوڳيا.

مان هتي هيءَ ڳالهه به لکڻ ضروري ٿو سمجهان ته جيل ۾ قيد هئڻ دؤران ٿوريءَ گهڻيءَ ڳالهه تي دوستن ۾ ناراضگيون پيدا ٿينديون هيون، پر قيدي هئڻ واري احساس تحت اُهي دوست بغير ڪنهن چَئُه چوا جي پنهنجون رنجشون ختم ڪري، پاڻ ۾ نهي ويندا هئا.

# داستان ٽيون

## محترم رئيس حاڪم علي زرداري، محترم آصف علي زرداري ۽ محترم شيخ اياز سان ملاقات ۽ محترم مير رسول بخش ٽالپر جي ڳوٺ بچل پنهور ۾ عام جلسي کي خطاب ڪرڻ وارو قصو

ماڻهوءَ جي سڄي حياتي هلچل ۾ گذري ٿي. اُها هلچل پڙهائيءَ لاءِ هجي، ڪاروبار لاءِ هجي، بيورو ڪريٽ، ڊاڪٽر، انجنيئر، سائنسدان يا ملڪ جي حاڪم بڻجڻ لاءِ هجي، اُهو سڀ ڪجهه هلچل هلائڻ سان ملي ٿو. مون پنهنجي هلچل صحافي ۽ ليکڪ بڻجڻ لاءِ هلائي. اُن لاءِ مون ماضي ۽ حال جي وڏن شاعرن ۽ ليکڪن جي علمي ۽ ادبي خدمتن متعلق ڇپيل ڪتابن جو مطالعو ڪيو ته معلوم ٿيو ته علمي ۽ ادبي خدمتون سرانجام ڏيڻ وارن ڪيترن ئي دانشورن وڏا سياسي، حڪومتي ۽ انتظامي عهدا ماڻيا ۽ معاشري ۾ وڏي عزت حاصل ڪئي. سائين جي ايم سيد وڏو ڏاهو ۽ وڏي هلچل هلائڻ وارو ماڻهو هو اُهو سنڌ اسيمبليءَ جو ميمبر ۽ سنڌ جي تعليم کاتي جو وزير بڻيو. جنهن سنڌ اسيمبليءَ مان پاڪستان جي آزاديءَ جي قرار داد منظور ڪرائي ۽

پاڪستان جي آزاديءَ واري هلچل ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو. پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ محترم جي ايم سيد سنڌ جي روشن مستقبل ۽ دائمي خوشحاليءَ جي لاءِ ڏکهي هلچل هلائي. سائين جي ايم سيد قومي جاڳرتا ۽ روشن خيالي پکيڙڻ لاءِ ڪيترائي اهم ڪتاب لکيا. جڏهن تي سنڌ جي خاتون دانشور ميڊم حميده کهڙو سنڌ جي تعليم کاتي جي نگران وزارت ماٺي. ميڊم حميده کهڙو سنڌ جي روشن خيال خاتون هئي. اُها سنڌ جي تعليم کاتي ۾ ڪيترائي سڌارا آڻڻ جي خواهشمند هئي، پر اُن کي ايترو وقت نه مليو. شيخ اياز جي عظمت ۽ سندس ذات کان سنڌ جو هر پڙهيو لکيو ماڻهو واقف آهي. شيخ اياز وڏو شاعر ۽ وڏو قانوندان هو. جنهن سبب سندس محترم ذوالفقار علي ڀُٽي سان ويجهڙائپ ٿي. ڀٽو صاحب ملڪ جو وزير اعظم بڻيو ته اُن شيخ اياز کي سنڌ جي مادر علمي سنڌ يونيورسٽيءَ جو وائيس چانسلر بڻايو. شيخ اياز سان منهنجي واقفيت 1967ع ۾ ٿي هئي، جڏهن مون عطا حسين شاهه موسوي ڪاليج روهڙيءَ ۾ يارهين جماعت ۾ داخلا ورتي هُئي. جوانيءَ واري عمر ۾ شاعري ڪرڻ ۽ مضمون لکڻ سبب آئون محترم شيخ اياز سان سندس ڪوئنس روڊ سکر جي وڪالت واري آفيس ۾ ملڻ ويندو هوس. ڊاڪٽر تنوير عباسيءَ جو ننڍو ڀاءُ ارشاد پارس عباسي ۽ باشعور

نوجوان نبي بخش ڪوسو بہ شيخ اياز سان سندس آفيس ۾ ملڻ ايندا هئا. انهن سان بہ شيخ اياز جي آفيس ۾ منهنجي واقفيت ٿي. شيخ اياز وٽ روزمره جي ملاقاتن جي ڪري ارشاد پارس عباسي ۽ نبي بخش ڪوسو منهنجا دوست بڻجي ويا. شيخ اياز سنڌ جو مقبول شاعر ۽ مصروف وڪيل هو. پڙهيا لکيا ماڻهو حيرت ۾ هوندا هئا تہ شيخ اياز مصروف وڪيل آهي، اُهو شاعريءَ لاءِ ايترو وقت ڪيئن ٿو ڪڍي!!!

1960ع واري ڏهاڪي ۾ سنڌ ۾ ون يونٽ ٽوڙ، سنڌي ٻولي قومي ٻولي ۽ ٻيون تحريڪون هليون. سنڌ جا اڪثر نوجوان انهن تحريڪن ۾ شيخ اياز جي انقلابي شاعري پڙهندا هئا ۽ جلسن ۾ ”سنڌ جو آواز شيخ اياز“ جا نعرا هڻندا هئا. سکر، شڪارپور ۽ خيرپور سميت سڀني سنڌ جي شهرن ۽ ڳوٺن جي ڀتين تي بہ ”سنڌ جو آواز شيخ اياز“ جا نعرا لکيل هوندا هئا.

شيخ اياز جڏهن سنڌ يونيورسٽيءَ جو وائيس چانسلر بڻيو تہ خيرپور جي ڳوٺ ڦُنداڻيءَ جو هڪ نوجوان محمد رفيق ولد علي حسن سولنگي مون وٽ آيو. چيائين تہ مون کي سنڌ يونيورسٽيءَ جي جيالاجي شعبي ۾ داخلا وٺڻي آهي، خبر پئي آهي تہ سنڌ يونيورسٽيءَ جو وائيس چانسلر شيخ اياز اوهان جو واقف آهي. اُن ڏي هلو ۽ مون کي جيالاجيءَ ۾ داخلا وٺي

ڏيو. آئون اُن نوجوان سان گڏجي سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو ويس، وائيس چانسلر جي آفيس ڏانهن ويندي رستي ۾ نوجوانن جو جلوس شيخ اياز خلاف نعرا هڻندي گذريو. جڏهن تہ سنڌ يونيورسٽيءَ جي عمارتن جي ڀتين تي ”شيخ اياز نہ کپي“ جا نعرا لکيل هئا. شيخ اياز خلاف نوجوانن جو جلوس ۽ يونيورسٽيءَ جي ڀتين تي سندس خلاف لکيل نعرا ڏسي وڏي تشويش ٿي. اسان وائيس چانسلر جي آفيس پهچي ملاقاتين واري ڪمري ۾ ويٺاسون، مون شيخ اياز ڏانهن ملاقات لاءِ چِٽِ موڪلي. چِٽِ ملڻ کان پوءِ شيخ اياز مون کي جلدي پاڻ وٽ سڏايو ۽ ملڻ سان چيائين تہ ”سنڌ جو آواز شيخ اياز“ جا نعرا هڻندڙن کي ”شيخ اياز نہ کپي“ جا نعرا هڻندي ڏٺئي؟ هائو! انهن جو جلوس ڏسندو ۽ نعرا ٻڌندو ٿو اچان. مون چيو. پر آئون تہ ”سنڌ جو آواز شيخ اياز“ جا نعرا هڻندڙن کي سندن نعرن جو عيوضو ڏيڻ، سندن حوصلا مضبوط ڪرڻ ۽ مسئلا حل ڪرڻ آيو آهيان. شيخ اياز چيو. شيخ اياز اِهو بہ چيو تہ ”شيخ اياز نہ کپي“ جا نعرا هڻندڙن ڏانهن مون هي پيغام موڪلي ڪين واضح ڪيو آهي تہ :

تو کي کهڙي ڳالهہ

جيءَ اَچي نہ جَهلَ

## مون کان سنڌ نہ وسري

الله کين ڪا ساڃاهہ ۽ سمجهہ ڏئي. اوهان ڪيئن آيا آهيو؟ حال احوال ڏيو.

مون کيس چيو تہ سچ پڇو تہ پاڇا هوندو آهي. اوهان يونيورسٽي هلايو. نوجوان سمجهن ٿا تہ پُٽي صاحب اوهان کي سنڌ يونيورسٽيءَ جو وائيس چانسلر ڪري موڪليو آهي، اُن تي کين ناراضگي ٿي هوندي، اڳتي هلي پاڻهي ٺٽا ٿي ويندا. اِهي لفظ چئي مون کيس محمد رفيق سولنگيءَ جي جيالاجيءَ واري شعبي ۾ داخلا وٺڻ واري درخواست ڏني. درخواست وٺڻ کان پوءِ شيخ اياز جيالاجي شعبي جي چيئرمين کي گهرايو ۽ کيس محمد رفيق سولنگيءَ جي داخلا واري درخواست ڏني. چيئرمين صاحب مون ڏانهن ڏِٺو ۽ چيائين تہ جيالاجي شعبي جون داخلائون پوريون ٿي ويون آهن. هاڻي وڌيڪ ڪنهن داخلا جي گنجائش نہ آهي. اُن تي شيخ اياز چيئرمين کان درخواست وٺي، اُن تي محمد رفيق کي اسپيشل ڪيس ۾ داخلا ڏيڻ جو حڪم لکيو جنهن کان پوءِ رفيق سولنگيءَ کي اسپيشل ڪيس تحت داخلا ملي وئي. شيخ اياز کان اڳ سنڌ جو مشهور ڏاهو ۽ ناليوارو ليکڪ ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ بہ سنڌ يونيورسٽيءَ جو وائيس

چانسلر بڻيو. جڏهن ته محترم حميد سنڌي شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور جو وائيس چانسلر ٿيو. ناليوارو شاعر فتاح ملڪ سنڌ جو ايڊووڪيٽ جنرل ٿيو. مشهور شاعر عبدالڪريم پَلِي سنڌ اسيمبليءَ جو ميمبر ٿيو. روزانه ”آفتاب“ اخبار جو ايڊيٽر شيخ علي محمد سينيٽر ٿيو. روزانه ”عبرت“ جو چيف ايڊيٽر قاضي عبدالمجيد عابد قومي اسيمبليءَ جو ميمبر ۽ وفاقي وزير ٿيو. مشهور صحافي نجم سيٺي پنجاب جو نگران وڏو وزير بڻيو. جڏهن ته ادب ۽ صحافت ۾ پير حسام الدين راشدي، محمد ابراهيم جويو، رسول بخش پليجو، عطا محمد ڀنڀرو، نسيم احمد کرل، استاد بخاري، ڊاڪٽر نواز علي شوق، ڊاڪٽر تنوير عباسي، رشيد ڀٽي، غلام اصغر ونڊيرو، پروفيسر عطا محمد حامي، ابراهيم منشي، نياز همايوني، عبدالڪريم گدائي، نور عباسي، پروانو ڀٽي، مولانا محمد صادق راٽيپوري ۽ ٻين ڪيترن ئي ليکڪن کي ادب ۽ صحافت جي هلچل ۾ وڏي شهرت ملي.

آئون پنهنجي زندگيءَ جي هلچل جو هڪ يادگار قصو هِن طرح لکندس ته جنرل ضياءُ الحق ملڪ ۾ مارشل لا لڳائي، ملڪ جو صدر ۽ چيف مارشل لا ايڊمنسٽريٽر ٿيڻ کان پوءِ جڏهن سکر آيو ته منهنجي ساڻس ملاقات ٿي. جنرل ضياءُ الحق سان منهنجي اُها ملاقات اردو زبان جي وڏي ليکڪ ۽

جنرل ضياءُ الحق جي اُن وقت جي اسپيچ رائيٽر ميجر صديق سالڪ ڪرائي هئي. ميجر صديق سالڪ سان منهنجي واقفيت سنڌ جي اطلاعات کاتي جي ڊائريڪٽر مسٽر اين. اي منگيءَ ڪرائي هُئي. ميجر صديق سالڪ، منگي صاحب جو پُراڻو دوست هو. جيڪو بعد ۾ منهنجو بہ دوست ٿي ويو. ميجر صديق سالڪ آرمي آفيسر هُئڻ سان گڏ وڏو ليکڪُ بہ هو جنهن ”میں نے ڈھاکا ڈوبتے دیکھا“ ۽ ٻيا ڪافي ڪِتابَ لکيا هُئا. جنرل ضياءَ الحق سان مُلاقات ۾ مون ڪيس پنهنجي ڳوٺ ٻچل پنهيرو جو روڊ ٺهرائي ڏيڻ لاءِ چيو. سنڌ جو اُن وقت جو گورنر ليفٽيننٽ جنرل ايس ايم عباسي سندس پر ۾ ويٺو هو. جنرل ضياءُ الحق اُن ڏانهن ڏسي ڪيس روڊ ٺهرائڻ جو حڪم ڏنو. سنڌ جو چيف سيڪريٽري، روڊس کاتي جو سيڪريٽري ۽ سنڌ جا ٻيا وڏا آفيسر جنرل ضياءُ الحق جي دؤري دؤران سندس هدايتون ۽ فيصلا نوٽ ڪرڻ لاءِ سکر آيل هئا. آئون جنرل ضياءُ الحق سان ملاقات کان پوءِ جڏهن ٻاهر آيس تہ گورنر جنرل ايس ايم عباسيءَ چيف سيڪريٽري ۽ روڊس کاتي جي سيڪريٽريءَ کي مون سان ملڻ لاءِ چيو ۽ کين روڊ ڪٽان کان ڪيستائين ٺهندو، اُن جا تفصيل لکڻ جو حڪم ڏنو. مون چيف سيڪريٽري ۽ سيڪريٽري روڊس کي

هڱورجا کان ڏيپارجا وايا ڳوٺ بچل پنهورو تائين 6 ڪلو ميٽر روڊ ٺاهي ڏيڻ جا تفصيل لکي ڏنا. ڪجهه ڏينهن کان پوءِ روڊس کاتي وارا منهنجي ڳوٺ بچل پنهورو آيا ۽ روڊ جي سروي ڪري ويا. روڊ جي سروي ڪرڻ کان پوءِ سنڌ حڪومت روڊ جي منظوري ڏني ۽ روڊ جي تعمير جو ٽينڊر ۽ ٺيڪو ٿيو. پر علائقي جي وڏيرن کي روڊ جو اُهو رُوٽ نه وڻيو ۽ اُهي منظور ٿيل روڊ جو رُوٽ بدلائڻ لاءِ سرگرم ٿي ويا. روڊ جو رُوٽ بدلائڻ واري ٽولي جي سرپرستي علائقي جي وڏيرن سان گڏ ڪجهه وڪيل ڪري رهيا هئا. انهن روڊ جي تعمير بند ڪرائڻ لاءِ ڪورٽ کان اسٽي آرڊر به ورتو. انهن ڏينهن ۾ سنڌ جي روڊس کاتي جو وزير سيد نظر حسين شاهه (نواب شاهه وارو) هو. جنهن لاءِ خبر پئي ته اُهو سائين جي ايم سيد جو معتقد آهي. سائين جي ايم سيد انهن ڏينهن ۾ پنهنجي ڳوٺ سَنَ واري بنگلي ۾ نظر بند هو. منهنجو سؤٽ محترم عطا محمد پنهورو سائين
جي ايم سيد ڏانهن سَن ويو ۽ اُن کان روڊس واري وزير سيد نظر حسين شاهه لاءِ چِٺي وٺي آيو. سائين جي ايم سيد اُن چِٺيءَ ۾ سيد نظر شاهه کي لکيو ته حڪومت هي روڊ جيئن منظور ڪيو آهي، اِيئن ئي ٺهڻ گهرجي ۽ ڪورٽ جيڪو هن روڊ تي اسٽي آرڊر ڏنو آهي، اوهان سرڪاري اثر و رسوخ

هلائي ۽ قانوني پُورائو ڪري، اُهو اسٽي آرڊر ختم ڪرايو. عطا محمد صاحب اُهو خط ڪٽي اچي سيد نظر شاهہ صاحب کي ڏنو جيڪو پنهنجي ڳوٺ نواب شاهہ آيل هو. سيد نظر شاهہ سائين جي ايم سيد جو خط پڙهي، اُن کي اکين تي رکيو ۽ پنهنجي پرائيويٽ سيڪريٽريءَ کي گھرائي اُن کي چيائين تہ هي خط منهنجي ذاتي فائيل ۾ رکو ۽ روڊس جي سيڪريٽريءَ جو فون ملائي ڏيو. سائين نظر شاهہ جي پرائيويٽ سيڪريٽريءَ روڊس کاتي جي سيڪريٽريءَ کي فون ڪري ڪيس لائين تي آندو، جنهن کي سيد نظر شاهہ حڪم ڏنو تہ بچل پنھيرو روڊ منظور ٿيو آهي، اُن کي منظور ٿيل پِلان مطابق ٺاهيو وڃي ۽ ڪورٽ کي مطمئن ڪري اسٽي آرڊر ختم ڪرايو وڃي ۽ روڊ جي تعمير جو ڪم تڪڙو هلائي روڊ ٺاهيو وڃي. جنرل ضياءُ الحق جي دؤر ۾ مير رسول بخش ٽالپر سنڌ جو سينيئر وزير هو. اُن سان منهنجي ڪافي ويجهڙائپ هئي. روڊ جي تعمير جي ڦَڏي دؤران اُهو منهنجي دعوت تي ڳوٺ آيو. ڊپٽي ڪمشنر ۽ ايس پي سميت ضلعي جا سڀ آفيسر سندس پروٽوڪول ۾ ساڻس گڏ هئا. مير رسول بخش ٽالپر جي منهنجي ڳوٺ اچڻ تي وڏو جلسو ٿيو. جلسي ۾ علائقي جا هزارين ماڻهو شريڪ ٿيا. مير صاحب جلسي ۾ ماڻهن جو وڏو هجوم ڏسي خوش ٿيو. جلسي ۾ پهريان مون

تقرير ڪئي، بعد ۾ مون ئي مير صاحب کي خطاب لاءِ سڏيو. مير صاحب دل کولي تقرير ڪئي. تقرير دوران هِن ڊپٽي ڪمشنر ۽ روڊس کاتي جي آفيسرن کي حڪم ڏنو تہ لينڊ اڪيوزيشن کاتي سان تڪڙي لک پڙهہ هلائي روڊ ۾ ڪم ايندڙ زمين جي مالڪن کي تڪڙو معاوضو ڏياريو ۽ ڪورٽ کي زمين اَڪوائِر ڪرڻ جا ڪاغذ ڏيئي اسٽي آرڊر ختم ڪرائي فوري طور تي روڊ ٺهرايو. بعد ۾ ڪورٽ جو اسٽي آرڊر ختم ٿيڻ کان پوءِ روڊ ٺهي ويو. روڊ ٺهڻ تي علائقي جا 99 سيڪڙو ماڻهو خوش ٿيا.

اهڙي طرح زندگيءَ جي هلچل دوران مون ڪيترائي يادگار قصا قلم بند ڪيا آهن. حياتيءَ جي هلچل جاري رهي تہ انهن کي ڪتابي صورت ۾ ڇپائي ڪيترا ئي لڪل ۽ حيرت انگيز داستان ظاهر ڪرڻ جو سلسلو جاري رکيون ايندس. هِن مضمون ۾ آئون ٻن اهم شخصيتن محترم رئيس حاڪم علي زرداري ۽ سندس صاحبزادي محترم آصف علي زرداريءَ سان ملاقات جو ذڪر هن طرح ڪندس تہ آئون ڪراچيءَ جي آواري ٽاوَر هوٽل ۾ روزانہ ”جنگ“ اخبار جي نمائندن جي ڪانفرنس ۾ ويٺو هوس. ڪانفرنس جو ميزبان ڪراچيءَ جو سخي ۽ مشهور سماج سڌارڪ اڳواڻ محترم خليل احمد نيني تال والا هو. روزانہ ”جنگ“ جو ان وقت جو

ايڊيٽر محترم محمود شام ڪانفرنس جي صدارت ڪري رهيو هو. روزانه ”جنگ“ جا سڄيءَ سنڌ جا نمائندا ۽ اخبار جي ايڊيٽوريل اسٽاف جا ڪجهه صاحب به ڪانفرنس ۾ آيل هئا. ڪانفرنس ۾ مون سميت ڪافي دوست ڪانفرنس جي ايجنڊا تي ڳالهائي چڪا هئا. اسٽيج سيڪريٽري واري واري سان ڪانفرنس ۾ آيل دوستن کي تقرير لاءِ سڏي رهيو هو ۽ هڪ دوست اسٽيج تي ڳالهائي رهيو هو ته منهنجي موبائيل فون جي گهنٽي وڳي. مون موبائيل فون ڏانهن ڏٺو ته محترم غلام فاروق ڀنڀري جو فون هو. غلام فاروق ڀنڀرو پيپلز پارٽيءَ جو جيالو ۽ ڀنڀرا برادريءَ جو سرگرم اڳواڻ آهي. سندس والد محترم الهڏتو ڀنڀرو به برادريءَ ۾ گهڻو سرگرم هوندو هو. الهڏتو ڀنڀرو وڏو ماڻهپي وارو، انسان دوست ۽ دوستن کي وقت تي ڪم اچڻ وارو ماڻهو هو. غلام فاروق جو فون ڪنيم. ”السلام عليڪم“ جو آواز آيو. سندس سلام جو جواب ڏيڻ کان پوءِ فاروق پڇيو ته ڪٿي آيو؟ ٻڌو اٿم ته ڪراچيءَ آيل آهيو. هائو! آواري ٽاوَر هوٽل ۾ روزانه ”جنگ“ جي ڪانفرنس ۾ آيل آهيان. مون وراڻيو. ڪهڙي وقت فارغ ٿيندئو؟ فاروق پڇيو. مان ڪانفرنس ۾ ڳالهائي چڪو آهيان. اوهان لاءِ فارغ آهيان.مون کيس چيو. ته پوءِ ڪٿي ٿا ملو؟ فاروقَ پُڇيو. فاروق جي ڳالهه ٻڌي مون کيس چيو ته آئون ڪينٽ اسٽيشن تي

”موناليزا“ هوٽل ۾ رهيل آهيان. اڏ ڪلاڪ رکي اوهان ”موناليزا“ تي اچو. اِهو چئي مان محترم محمود شام کي تڪڙي ڪم لاءِ شهر وڃڻ جي ڳالهه ڪري، ڪانئس موڪل وٺي ڪانفرنس مان نڪري ”موناليزا“ تي آيس، ته فاروق صاحب به اُتي اچي پهتو. ٻڌايائين ته رئيس حاڪم علي زرداريءَ جي ڪورٽ جي حڪم تي نظربندي ختم ٿي آهي. حڪومت ڪافي عرصو اڳ رئيس حاڪم علي زرداري ۽ سندس پٽ محترم آصف علي زرداريءَ کي گرفتار ڪيو هو. ٻنهي پيءُ پٽن کي گرفتار ڪرڻ کان پوءِ رئيس حاڪم علي زرداريءَ کي سندس گهر ۾ نظربند ڪيو ويو. جڏهن ته آصف علي زرداريءَ مٿان ڪيترائي ڪيس مڙهي، ڪيس جيل موڪليو ويو. رئيس حاڪم علي زرداريءَ پنهنجي نظربنديءَ واري آرڊر خلاف ڪورٽ ۾ پٽيشن داخل ڪئي هئي، جنهن تي ڪورٽ رئيس حاڪم علي زرداريءَ جي نطربندي ختم ڪري، کيس آزاد ڪرڻ جو حڪم ڏنو. جنهن تي رئيس حاڪم علي زرداريءَ جي نظربندي ختم ڪئي وئي. غلام فاروق پنيرو مون وٽ آيو ۽ چيائين ته محترم حاڪم علي زرداريءَ جي ڪورٽ جي حڪم تي نظربندي ختم ٿي آهي، ان سان ملاقات ڪرڻ لاءِ نڪتو آهيان، اوهان به هلو ته ساڻس گڏجي ملاقات ڪريون ۽ ساڻس ڏک سُورَ اوريون. مون غلام

فاروق کان پڇيو تہ رئيس حاڪم علي زرداريءَ سان ملاقات ڪيئن ٿيندي؟ مون سان هڪ دوست علي جاگيراڻي وڪيل بہ گڏ آهي. اهو ڪٿي آهي؟ پلي اُن کي بہ وٺي هلو. غلام فاروق چيو. علي جاگيراڻي وڪيل، غلام فاروق پنيري جي ”موناليزا“ هوٽل تي اچڻ کان ٿورو اڳ هوٽل تان هيٺ لهي ويو هو. اُن کي فون ڪري گهرايم ۽ فاروق پنيري سان گڏجي هلي محترم حاڪم علي زرداريءَ جي ڪلفٽن واري رهائش گاهہ تي پهتاسون. فاروق صاحب مون کي ۽ علي جاگيراڻيءَ کي محترم حاڪم علي زرداريءَ جي بنگلي ۾ اندر وٺي هليو. سياري جا ڏينهن هئا. محترم حاڪم علي زرداري پنهنجي بنگلي جي وراندي ۾ ڪجهہ دوستن سان ڪچهريءَ ۾ ويٺو هو. اسان کي ڏسي اُٿي بيٺو. عزت سان مليو ۽ خوش خير عافيت ڪيائين. منهنجي ۽ علي جاگيراڻيءَ جي محترم حاڪم علي زرداريءَ سان پهرين ملاقات هئي. فاروق صاحب منهنجو ۽ علي جاگيراڻيءَ جو ساڻس تعارف ڪرايو. تعارف پورو ٿيڻ کان پوءِ محترم حاڪم علي زرداريءَ مون ڏانهن ڏسي ۽ چيائين تہ اوهان جو ڪافي نالو ٻڌو اٿم. فاروق جي مهرباني جو اوهان کي مون وٽ وٺي آيو آهي. اوهان سان ملي خوشي ٿي آهي. بعد ۾ فاروق پنيري ڏانهن اشارو ڪري چيائين تہ آئون ڪافي وقت نظربند هوس. منهنجو پٽ آصف 11 سالن

ڪان جيل ۾ آهي. آصف جڏهن جيل ڪان ٻاهر هو ته وٽس ماڻهن جو هجوم لڳل هوندو هو ۽ ڪيترائي سندس دوست پارٽُ وَٽائڻَ لاءِ سندس اڳيان بيٺا هوندا هئا، جيڪي ساڻس وفادار رهڻ جون وڏيون دعوائون ڪندا هئا پر اُهي هاڻي ساڻس جيل تي ملاقات ڪرڻ به نه ٿا وڃن. آئون به جيترو وقت نظربند هوس ته مون وارا يار به پاسيرا ٿي ويا! فاروق ڀنڀري کي شابس آهي، جيڪو نظربنديءَ دؤران مون وٽ ايندو هو ۽ آصف سان به جيل ۾ ملڻ ويجي ٿو. وڏو وفادار ۽ ڏکئي وقت ۾ نڀائڻ وارو ماڻهو آهي. محترم حاڪم علي زرداريءَ سان به ڪلاڪ کن ڪچهري ٿي. ڪچهريءَ دؤران هُو بار بار چوندو رهيو ته الله تعاليٰ آصف کي اصلي، نقلي ۽ منافق ماڻهن جي سُڃاڻ جي ساڃاهه ڏيندو. ڇو ته آصف جڏهن جيل ڪان ٻاهر ايندو ۽ پارٽيءَ جي قيادت اچي سنڀاليندو ته ڏکئي وقت ۾ ڇڏي ويل سندس دوست وٽس اچي حاضر ٿيندا ۽ خوشامد ڪرڻ ۾ لڳي ويندا. الله اهڙن دوستن کان پناهه ۾ رکي. بعد ۾ ڪجهه ڏينهن کان پوءِ محترم آصف علي زرداري 11 سال قيد ڪاٽي آزاد ٿيو ته ”بلاول هائوس“ ۾ وڏي رش ٿي وئي. اُنهن دوستن جون به ”بلاول هائوس“ ۾ قطارون لڳي ويون، جيڪي سندس 11 سالن جي قيد دؤران لڪي، ڀڄي ۽ پاسيرا ٿي ويا هئا.

آصف علي زرداريءَ جي جيل مان آزاد ٿيڻ کان پوءِ محترم غلام فاروق پنيري مون کي فون ڪيو ۽ ٻڌايو تہ محترم آصف علي زرداري جيل کان ٻاهر اچي ويو آهي، آئون چاهيان ٿو تہ اوهان جي محترم آصف علي زرداريءَ سان ملاقات ڪرايان. اوهان ڪٿي آهيو؟ آئون اتفاق سان بہ ڏينهن اڳ ڪنهن ڪم سانگي ڪراچيءَ آيل هوس. مون فاروق کي چيو تہ آئون ڪراچيءَ جي صدر واري ”جبيس“ هوٽل ۾ رهيل آهيان. فاروق چيو تہ آئون ”جبيس“ هوٽل تي اچان ٿو. ڪلاڪ مُني ۾ فاروق آيو. اسان ٻارهين وڳي ڌاران ”بلاول هائوس“ آياسون. فاروق جو ”بلاول هائوس“ گهڻو اچڻ وڃڻ ٿيندو هو. سيڪورٽيءَ وارا ۽ هائوس جو ٻيو عملو ڪيس ويجهو کان سڃاڻندو هو. وڏي رش جي باوجود اسان سولائيءَ سان ”بلاول هائوس“ ۾ اندر داخل ٿي وياسون. آصف علي زرداري ملاقاتين سان ملڻ لاءِ اڃان ٻاهر نہ آيو هو. سنڌ جا اڪثر وڏا وڏيرا ۽ سردار آصف علي زرداريءَ جي ملاقات جي انتظار ۾ ويٺا هئا. فاروق سياٽپ ڪئي. آصف علي زرداري جنهن دروازي کان ٻاهر اچڻو هو مون کي اُتي وٺي هلي ويهاريائين ۽ پاڻ پنڊال ۾ گهمندو ۽ آصف علي زرداريءَ سان ملڻ لاءِ آيل ماڻهن سان ملندو رهيو. هڪ وڳي ڌاري آصف علي زرداري ٻاهر آيو تہ پنڊال ۾ ويٺل سڀ ماڻهو اٿي بيٺا ۽

ساڻس ملڻ لاءِ ويجها ٿيندا ويا. ۽ ڪيس چوڏاري وڪوڙي ويا. فاروق مون کي آصف علي زرداريءَ سان جلدي ملائڻ لاءِ جنهن جڳهه تي ويهاريو هو. آصف علي زرداري اُتان گذرندي مون سان هٿ ملايو. فاروق پنيري مون سان ملڻ دؤران منهنجو ساڻس تعارف ڪرايو. جنهن تي آصف زرداريءَ مون سان پيهر هٿ ملايو ۽ چيو ته 11 سال قيد ڪاٽي ٻاهر آيو آهيان. ثابت قدم رهڻ لاءِ اڳتي به دُعا ڪجو. ”بلاول هائوس“ ۾ سنڌ جي وڏيرن جو هجوم ڏسي، مون کي سندس والد محترم حاڪم علي زرداريءَ جا آصف علي زرداريءَ لاءِ دُعا وارا اُهي لفظ ياد اچي ويا ته الله تعاليٰ آصف کي اصلي، نقلي ۽ منافق ماڻهن جي سڃاڻ جي ساڃاهه ڏيندو ۽ ڏکئي وقت ۾ ساٿ ڇڏي ويندڙن جي دوستيءَ کان پناهه ۾ رکندو.

# داستان چوٿون

## پير سيد شاهه مردان شاهه ثانيءَ جي ”نرس لينڊ“ وڃڻ، واپس اچڻ تي گهٽو ڪجهه بدلجي وڃڻ ۽ سنڌ سوڳوار ٿيڻ جو قصو

مان ”نرس لينڊ“ وڃي رهيو آهيان! ها! ان کي ”نرس لينڊ“ چوندا آهن!!! اوڏانهن وڃي رهيو آهيان. واپس ايندس ته گهٽو ڪجهه بدلجي چڪو هوندو. اِهي لفظ حُرن جي روحاني پيشوا پير سيد شاهه مردان شاهه ثاني پير پاڳاري پنهنجي آخري پريس ڪانفرنس ۾ چيا، جيڪا هن ”ڪنگري هائوس“ ڪراچيءَ ۾ ڪئي. پريس ڪانفرنس جي ٻِن ڏينهن کان پوءِ پير سيد شاهه مردان شاهه ثاني ڪراچيءَ جي هڪ خانگي اسپتال ”نرس لينڊ“ هليا ويا. جتي هُو سوا مهيني تائين زير علاجَ رهيا. بعد ۾ 5 جنوري 2012ع تي کين لنڊن نيو ويو. جتي علاج دوران 10 جنوريءَ تي کين دل جو دورو پيو. جنهن بعد هُو پاڻ پنڌُ ڪري اسپتال کان ٻاهر نه آيا، پر کين اسپتال مان ڪٽي واپس آندو ويو ته سنڌ سوڳوار بڻجي چڪي هئي. سنڌ جون سڙڪون سوڳوار هيون، رستن تي اُداسي

چانيل هئي ۽ گهٽو ڪجهہ بدلجي چڪو هو. ماڻهن جا چهرا ۽ شڪليون بدلجي چڪيون هيون. حُر جماعت، عقيدتمند ۽ معتقد صدمي ۽ غم ۾ ورتل هئا. پير سيد شاهہ مردان شاهہ ثاني پريس ڪانفرنس ۾ ”نرس لينڊ“ وڃڻ کان پوءِ واپس موٽي اچڻ تي ”گهٽو ڪجهہ“ بدلجي وڃڻ جي ڳالهہ ڪئي هئي، جنهن مان اڪثر ماڻهن ائين سمجهيو هوتہ سندس واپس اچڻ کان پوءِ سياسي ماحول بدلبو، حالتون بدلبيون، صورتحال بدلبي، خزائون بدلبيون، بدحالي بدلبي ۽ ڏکار واريون حالتون خوشحاليءَ ۾ بدلبيون.... پر پير صاحب جي واپس اچڻ تي حُر جماعت ۽ سندس عقيدتمندن جا سمورا خواب ۽ جذبا مايوسيءَ ۾ بدلجي ويا. مون کي ائين پئي لڳو تہ سانگهڙ، عمرڪوٽ، خيرپور ۽ پير جو ڳوٺ سميت سڄي سنڌ بدلجي چڪي آهي، ملڪ جي فضا بدلجي چڪي آهي، هوائون بدلجي چڪيون آهن، ماڻهن جون اُميدون بدلجي چڪيون آهن. مان پير ڳوٺ ۾ آهيان. درگاهہ شريف جي مکيہ دروازي جي سامهون بيٺو آهيان. سڏڪن ۽ صدمي سان پريل لفظ بارش بڻجي منهنجي مٿان وسي رهيا آهن. هزارين ماڻهو صدمي ۾ وڪوڙيل آهن، جيڪي اوڇنگارون ڏئي روئي رهيا آهن، سڀ ماڻهو چئي رهيا آهن تہ پير پاڳارو اسان کي يتيم ڪري ويو. حُر جماعت جو چيف خليفو فقير قادر بخش

مگڙيو چئي رهيو هو. پير صاحب فيض جو درياهہ هو. اُهو هليو ويو. هاڻي فيض ڪير ڏيندو؟ درگاهہ تي گڏ ٿيل ماڻهن جي سمنڊ ۾ حُر جماعت سان گڏ هزارين غير جماعتي ماڻهو بہ شامل آهن، جيڪي دانهون ڪري چئي رهيا آهن تہ پير صاحب حُر جماعت سان گڏ اسان کي بہ اڪيلو ڪري ويو. اسان اڪيلا ۽ يتيم ٿي ويا آهيون. ماڻهو چئي رهيا آهن، تہ شرافت يتيم ٿي وئي، محبت يتيم ٿي وئي، سياست يتيم ٿي وئي. هاڻي سياستدان ڪنهن کان رهنمائي حاصل ڪندا، صحافين سان دل کولي  ڪير ڳالهائيندو. مزاحيہ ڳالهيون ڪير ڪندو ۽ سندن دل جون ڳالهيون ڪير ڪندو. سچ ڪير ڳالهائيندو ۽ پيشنگوئيون ڪير ڪندو؟ پير صاحب جو بزرگ خليفو پير بخش ڳاهو مون کي ڏسي منهنجي ويجهو آيو ۽ چيائين تہ اسان کان سهارو کسجي ويو. اسان جي ڇَپَرَ ڇانوَ هلي وئي، اسان جو سڀ ڪجهہ هليو ويو. اسان اڪيلا ۽ تنها ٿي ويا آهيون. فقير جان محمد مگڙيو بہ پير صاحب جي وفات تي سخت پريشان ۽ مايوس هو. سندس حالت مان ائين پئي لڳو تہ هُو صدمي ۾ ڪجهہ ڪري نہ ويهي. ساڻس گڏ پريشان حال فقير کيس تسلي ۽ آٿتُ ڏئي رهيا آهن ۽ چئي رهيا آهن تہ الله جي رضامنديءَ تي رضي رهڻو آهي. پر هُو چئي رهيو هو  تہ 83 سال وڏي عمر نہ آهي. الله تعاليٰ پير

صاحب اسان کان جلد ڪسي اسان کي اڪيلو ڪري ڇڏيو آهي. مان ڪافي دير کان پير صاحب جي وفات جي صدمي ۾ درگاهہ جي مکيا (وڏي) گيٽ اڳيان ويٺو آهيان. منهنجي اڳيان گذرندڙ هر شخص پير سيد شاهہ مردان شاهہ ثانيءَ جي فيض ۽ انسان دوستيءَ جون ڳالهيون ڪندي گذري رهيو آهي. هر ماڻهو اهو چوندو گذرندو وڃي ٿو تہ پير صاحب صرف حُر جماعت لاءِ نہ پر ملڪ جي روشن خيال ماڻهن جو محسن ۽ سندن پسند جو ماڻهو هو.

”نرس لينڊ“ وچڻ کان اڳ 22 نومبر 2011ع تي صبح جو 10:00 وڳي ڌاري منهنجي پير صاحب سان ٽيلي فون تي آخري ڳالهہ ٻولهہ ٿي هُئي. اُهو ڏينهن سندس سالگرهہ جو ڏينهن هو. مون سندن سالگرهہ جي موقعي تي رنگين سووينئر شايع ڪيو هو ۽ سووينئر جون پنجاهہ ڪاپيون ڪين ڪنگري هائوس ڪراچي موڪلي ڏنيون هيون. مون پير صاحب جو اُهو نمبر ڊائل ڪيو جيڪو هُو پاڻ ڪٽندا هئا. نمبر تي رِنگِ وڃڻ کان پوءِ پير صاحب فون کنيون. آواز آيو ”هلو“، مون کين ٻڌايو قبلا! مان خيرپور مان غلام عباس پنيرو ٿو ڳالهايان. اوهان کي سالگرهہ مبارڪ ڏيڻ لاءِ فون ڪيو اٿم. ها! خير مبارڪ، تنهنجو سووينئر مون کي مليو آهي. سٺو ۽ يادگار سووينئر آهي. مون کي ڏاڍو وڻيو آهي. سٺو مواد

۽ يادگار تصويرون اٿس. سووينئر جون ڪاپيون ٿوريون موڪليون اٿئي، 50 ڪاپيون پيون به موڪلي ڏي. حاضر قبلا! پنجاهه ڪاپيون پيون به اچن ٿيون. اوهان سووينئر پسند ڪيو مون کي ڏاڍي خوشي ٿي. مون ٽيليفون رکڻ کان پوءِ پير صاحب کي سالگرهه سووينئر جون وڏيڪ پنجاهه ڪاپيون ٽي سي ايس ذريعي ڪنگري هائوس ڪراچيءَ موڪلي ڏنيون. مون 22 نومبر تي سالگرهه واري ڏينهن پير صاحب سان ڳالهايو هو ته پير صاحب جن مون کي ڳالهائڻ ۾ هشاش بشاش ۽ ٺيڪ ٺاڪ لڳا هُئا، ڳالهائڻ جي لهجي مان مون کي ڪجهه به محسوس نه ٿيو ته ڪو پير صاحب جن طبيعت ۾ ٺيڪ نه آهن. چو ته مون سان معمول مطابق پنهنجائپ واري لهجي ۾ ڳالهايائون، بعد ۾ ٻن ڏينهن کان پوءِ خبر پئي ته پير صاحب جن پنهنجون ٽيسٽون ڪرائڻ لاءِ نرس ليندڊ (آغا خان اسپتال) ۾ داخل ٿيا آهن. ٽيسٽون ڪرائڻ کان پوءِ جلد ڪنگري هائوس ايندا. پر نومبر مهيني جا آخري ڏينهن ۽ سڄو ڊسمبر مهينو جڏهن اسپتال ۾ داخل رهيا ته مون سميت سندن سمورن عقيدتمندن ۽ حُر جماعت جي ماڻهن ۾ تشويش پيدا ٿي. مان سندن عيادت لاءِ ڪراچيءَ ويس. اسپتال ۾ سندن وڏا صاحبزاده پير سيد صبغت الله شاهه (موجوده پير پاڳارا) ۽ ننڍا صاحبزاده پير صدر الدين شاهه موجود هئا. اُنهن

سان ملاقات ٿي. سندن ڳالهين مان معلوم ٿيو ته ڊاڪٽرن پير صاحب کي علاج لاءِ لنڊن ڪٽي وڃڻ جي تجويز ڏني آهي. ڊاڪٽرن جي ان تجويز تحت پير صبغت الله شاهه (موجوده پير پاڳارا) ۽ سندن ننڍو ڀاءُ پير صدر الدين شاهه کين علاج لاءِ لنڊن ڪٽائي ويا. پير صاحب جن اسپتال ۾ هئا ته 10 جنوري 2012ع تي کين دل جو دؤرو پيو. جنهن سبب سندن روح پرواز ڪري ويو ۽ پير صاحب جن پنهنجي حقيقي مالڪ سان وڃي مليا. بعد ۾ 12 جنوريءَ تي سندن جسد خاڪي لنڊن مان پير جو ڳوٺ آيو ۽ درگاهه شريف تي سندن تدفين ٿي. تدفين ۾ سنڌ، پنجاب ۽ بلوچستان جا لکين مُريد ۽ عقيدتمند شريڪ ٿيا. درگاهه جي روايت مطابق تدفين کان ٿورو اڳ سندن وڏي صاحبزادي پير صبغت الله شاهه جي دستاربندي ٿي، دستاربنديءَ ۾ حُر جماعت جا خليفا، مختلف درگاهن جا گادي نشين، ملڪ جون بااثر شخصيتون، ڪيترين ئي برادرين جا سردار ۽ لکن جي تعداد ۾ ماڻهو شريڪ ٿيا.

پير سيد شاهه مردان شاهه ثاني وڏي ماڻهپي وارا ماڻهو هئا. سندن وڇوڙي تي مون سميت سڄي ملڪ جي انسان دوست اڳواڻن ۽ روشن خيال ماڻهن کي وڏو صدمو پهتو. پير صاحب 1988ع ۽ 1990ع وارين عام چونڊن ۾ به حصو ورتو

هو. پير صاحب جن خيرپور واري قومي اسيمبليءَ جي سيٽ جا اُميدوار هئا. 1988ع واري اليڪشن مهم شروع ڪرڻ کان اڳ مون کي درگاهه شريف تي گهراياائون ۽ چيائون تہ آئون اليڪشن مهم خيرپور شهر ۾ تو وٽ جلسو ڪري شروع ڪرڻ چاهيان ٿو. دوستن ٻڌايو آهي. تہ غلام عباس پنيري جي گهر اڳيان وڏو پارڪ آهي، جيڪو جلسي لاءِ بهتر رهندو. تنهن ڪري تون وڃي پاڻ وٽ جلسي جو بندوبست ڪر. پير صاحب جلسي لاءِ مون کي ٻن ڏينهن جو وَقتُ ڏنو. مون جلسي جو بندوبست پنهنجي گهر اڳيان ميونسپل جي نرسريءَ واري پارڪ ۾ ڪيو. جلسي ۾ هزارين ماڻهو شريڪ ٿيا. پير صاحب جن جلسي ۾ ماڻهن جو وڏو هجوم ڏسي خوش ٿيا ۽ جلسي جي ڪاميابيءَ تي مون کي مبارڪ ڏني. بعد ۾ آئون اليڪشن جي سڄي ڪئمپين ۾ ساڻن گڏ رهيس. اليڪشن مهم دوران پير صاحب جن روزانو صبح جو 8:00 وڳي پيرڳوٺ جي صحافي محمد حيات جلاليءَ کي پاڻ سان ڪٺي مون وٽ خيرپور ايندا هئا، جتان آئون پير صاحب سان گڏجي انتخابي جلسن ۾ ويندو هوس. پير صاحب جي مقابلي ۾ پيپلز پارٽيءَ جو سيد پرويز علي شاهه جيلاني اُميدوار هو. جيڪو پير صاحب کان اليڪشن کٽي ويو. پير صاحب جن 1990ع وارين عام چونڊن ۾ بہ اُميدوار ٿيا. پيپلز پارٽيءَ جي اُميدوار

سيد پرويز علي شاهہ جيلانيءَ سان سندن ڀيهر مقابلو ٿيو. اهو مقابلو بہ پرويز علي شاهہ کٽي ويو. پير صاحب سان اليڪشن لڙڻ جي ڪري پرويز علي شاهہ کي بين الاقوامي سطح تي شُهرت ملي، پر پيپلز پارٽيءَ وارن سندس قدرنہ ڪيو ۽ کيس گهربل عزت نہ ڏني. جنهن سبب کيس وڏي مايوسي ٿي ۽ هُو پيپلز پارٽي ڇڏي ويو! پيپلز پارٽي ڇڏڻ کان پوءِ ٻي اليڪشن ۾ هُنَ ڪوٽڏيجي واري صوبائي سيٽ تي آزاد اُميدوار جي حيثيت ۾ پيپلز پارٽيءَ جي اُميدوار منظور حسين وساڻ سان مقابلو ڪيو. جنهن ۾ هُو هارائي ويو... تہ ڳالهہ پئي ڪئي سون پير سيد شاهہ مردان شاهہ ثانيءَ جي سياسي بصيرت، ڏاهپ ۽ سندن قرب جي قصن جي، تہ پير صاحب وڏو قربائتو ۽ مٽيادار ماڻهو هو. پير صاحب جو جنم 22 نومبر 1928ع تي سندن والد محترم شهيد پير صبغت الله شاهہ سورهيہ بادشاهہ جي گهر ۾ ٿيو. سندن والد محترم جن ان وقت انگريز سامراج خلاف جهاد ڪرڻ جي تيارين ۾ هئا. تياريون مڪمل ڪري سورهيہ بادشاهہ انگريزن خلاف تاريخي جهاد ڪيو. انگريزن خلاف جهاد لاءِ پير صاحب سانگهڙ ضلعي کي ويڙهہ جو مرڪز بڻايو. حُرن پاران انگريز سامراج خلاف گوريلا ويڙهہ وڙهڻ ۽ انگريزن لاءِ ڏرتي ٿامون ڪرڻ تي انگريزن سورهيہ بادشاهہ کي گرفتار ڪري 20 مارچ 1943ع تي سينٽرل جيل

حيدرآباد ۾ ڦاسي ڏني. جڏهن ته ڦاسيءَ تي چاڙهڻ کان پوءِ انگريزن پير صاحب جو جسد خاڪي سندن وارثن کي نه ڏنو.سورهيه بادشاهه کي ڦاسي ڏئي شهيد ڪرڻ کان پوءِ چالاڪ انگريزن سندن صاحبزادن پير سيد شاهه مردان شاهه ثاني ۽ پير سيد نادر علي شاهه کي جلاوطن ڪري لنڊن ڪٽي ويا. سورهيه بادشاهه کي ڦاسي ڏئي کين شهيد ڪرڻ ۽ سندن صاحبزادن پير سيد شاهه مردان شاهه ۽ پير سيد نادر علي شاهه کي جلاوطن ڪرڻ باوجود حُر مجاهد ثابت قدم رهيا ۽ گوريلا جنگ بند نه ڪئي. جنهن جي نتيجي ۾ انگريز سامراج جا هِن ڌرتيءَ تان پير پٽجي ويا. جنهن کان پوءِ 1951ع ۾ پير سيد شاهه مردان شاهه ۽ سندن ننڍي ڀاءُ سيد نادر علي شاهه جي جلاوطني ختم ڪري کين وطن اچڻ جي اجازت ڏني وئي. ٻنهي ڀائرن جي وطن اچڻ تي، وڏي ڀاءُ سيد شاهه مردان شاهه جي 14 سالن جي عمر ۾ درگاهه شريف جي ستين پير پاڳاري جي حيثيت ۾ دستاربندي ڪئي وئي. سيد شاهه مردان شاهه درگاهه شريف پير جو ڳوٺ جو سجاده نشين بڻجڻ کان پوءِ حُر جماعت کي منظم ۽ متحد ڪيو. جڏهن ته ملڪي حالتن ڏانهن به ڀرپور توجهه ڏنو. سندن حب الوطنيءَ واري جذبي جي ڪري کين سڄي ملڪ ۾ وڏي عزت، شهرت ۽ قومي اڳواڻ طور سڃاڻپ ملي. اڳتي هلي 1965ع ۽ 1971ع

۾ پاڪستان ۽ ڀارت جي وچ ۾ ٻہ جنگيون لڳيون. سيد شاهہ مردان شاهہ ثانيءَ اُنهن ٻنهي جنگين ۾ پنهنجا هزارين حُر مجاهد پاڪستان جي سرحدن تي موڪليا ۽ پاڻ بہ سرحدن تي وڃي حُر فورس جي اڳواڻي ۽ رهنمائي ڪئي. ٻنهي جنگين دوران حُر فورس پاڪ فوج سان گڏجي ڀارت جا ڪيترائي علائقا فتح ڪيا. شاهہ ڳڙهہ ۽ ٻين ڪيترن هنڌن تي پاڪستان جو قومي جهنڊو چاڙهيو. جڏهن تہ سيد شاهہ مردان شاهہ قومي سياست ۾ بہ اهم ڪردار ادا ڪيو. 1977ع وارين عام چونڊن ۾ مبينا ڌانڌلين خلاف جيڪا تحريڪ هلي، اُن ۾ پير صاحب سرگرميءَ سان حصو ورتو ۽ تحريڪ جي اڳواڻي ڪئي. جنهن تي کين گرفتار ڪري راولپنڊيءَ جي هڪ هوٽل ۾ نظربند ڪيو ويو. پير صاحب جي نظر بنديءَ تي سنڌ ۾ وڏي شورش ٿي. حُر جماعت احتجاج ڪيو. محترم ذوالفقار علي ڀٽو ملڪ جو وزير اعظم هو. اُن حُر جماعت ۾ پکڙيل تاءَ ۽ ڪاوڙ کي محسوس ڪري پير صاحب جي نظر بندي ختم ڪرڻ جو حڪم ڏنو. جڏهن تہ ڏکين هڙتالن ۽ لڳاتار احتجاجن سبب جنرل ضياءُ الحق ملڪ ۾ مارشل لا لڳائي، محترم ذوالفقار علي ڀُٽي جي حڪومت ختم ڪري ڇڏي. بعد ۾ 1985ع ۾ جنرل ضياءُ الحق غير جماعتي چونڊون ڪرايون. انهن چونڊن جو پيپلز پارٽيءَ بائيڪاٽ

ڪيو ۽ چونڊن ۾ حصو نہ ورتو. جنهن سبب سنڌ ۾ پير صاحب جا وڏي تعداد ۾ اُميدوار ڪامياب ٿيا. بعد ۾ سينيٽ جي چونڊن ۾ پير صاحب پاڻ بہ حصو ورتو ۽ سينيٽر چونڊيا. سياست ۾ سرگرم هئڻ سبب پير صاحب شاهہ مردان شاهہ پاڪستان مسلم ليگ جي نالي سان پنهنجي الڳ پارٽي ٺاهي. جنهن کي اليڪشن ڪميشن وٽ رجسٽرڊ ڪرايو ۽ پارٽيءَ کي فنڪشنل ڪيو. جنهن سبب سندن پارٽيءَ تي ”فنڪشنل مسلم ليگ“ جو نالو پئجي ويو.

پير صاحب وڏا محب وطن، خدا ترس، انسان دوست، روشن خيال ۽ ماڻهپي وارا ماڻهو هئا. پير صاحب جن جڏهن بہ حُر جماعت کي روحاني خطاب ڪندا هُئا تہ مريدن کي نياڻين کي تعليم ڏيارڻ ۽ ٻارن جون ننڍيءَ عمر ۾ شاديون نہ ڪرائڻ جون هدايتون ڏيندا هُئا. پير صاحب جو ديني تعليم ڏانهن بہ وڏو توجهہ هو. پاڻ سنڌ ۾ هڪ سؤ کان وڌيڪ مدرسا قائم ڪيائون، جيڪي اڄان تائين درگاهہ جي سرپرستيءَ ۾ هلن ٿا. پيرَ ڳوٺ واري ”جامعا راشديا لائيبرري“ جو بنياد بہ پاڻ رکيائون، جنهن ۾ هڪ لک کان وڌيڪ ديني سياسي ۽ معلوماتي ڪتاب موجود آهن. ملڪ جا سوين نوجوان جامعا راشديا لائيبرريءَ جي ڪتابن جي مدد سان سي ايس ايس جا امتحان پاس ڪري چُڪا آهن ۽ پي ايچ ڊي ۽ ٻيون ڊگريون

حاصل ڪري چڪا آهن. پير صاحب وڏا نبض شناس ۽ فلڪيات جا ماهر هئا. سندن پيشنگوئيون سڄي ملڪ ۾ مشهور آهن. پاڻ جيڪا پيشنگوئي ڪندا هئا، اُها اڪثر طور تي پوري ٿيندي هئي. پير صاحب جن چوندا هئا تہ هُو حالتون ڏسي پيشنگوئيون ڪندا آهن. سچ ڳالهائڻ سندن خمير ۽ مزاج ۾ شامل هو. گهوڙا پالڻ، گهوڙن جي ڊوڙ جا مقابلا ڪرائڻ ۽ لغڙ اُڏائڻ سندن ذاتي وندر ۽ تفريح هئي. گهوڙن جي ڊوڙ وارن مقابلن ۾ اڪثر طور تي سندن گهوڙا ڊوڙ کٽي ايندا هئا.

سيد شاهہ مردان شاهہ عظيم انسان، عظيم اڳواڻ ۽ محبوب صفت روحاني پيشوا هئا. سندن خدمتون ۽ يادون تاريخ جو هڪ مڪمل بابُ بڻجي چڪيون آهن، جيڪي صدين تائين ياد رکيون وينديون. پير صاحب شاهہ مردان شاهہ جن مون کي گهڻو پيائيندا ۽ وڏي عزت ڏيندا هئا، سندن وفات تي مون کي وڏي پريشاني ۽ طبيعت ۾ بيچيني پيدا ٿي. پير صاحب جن مون کي الهامي ۽ آفاقي ماڻهو لڳندا هئا. سندن هيءَ فاني دُنيا ڇڏڻ کانپوءِ، سندن محبتون ياد اچڻ تي آئون پنهنجي هيءَ وائي بار بار ورجائيندو رهندو آهيان:

پرين ڪالهہ وِيڙا،

اسان هِتِ اَڪيلا.

ويا ڏئي وِڇوڙو،

چِڪي چاڪَ پيڙا.
اسان هِتِ اَڪيلا.

وِسامي ويا ڄڻُ،

ڏِياتيون ۽ ڏيئڙا.
اسان هِتِ اَڪيلا.

عَباسڻَ پرين مُون،

جڏهن ڏُور ٿيڙا.
اسان هِتِ اَڪيلا.

❊

# داستان پنجون

## 31 آڪٽوبر 2015ع تي مڪاني ادارن جي چونڊن جي پھرئين مرحلي واري ڏينھن خيرپور جي ڳوٺ وريو واھڻ ۾ 11 ڄڻن جي مارجي وڃڻ وارو قصو

31 آڪٽوبر 2015ع جو مڪاني ادارن جي چونڊن جي پھرئين مرحلي وارو ڏينھن آھي. شام جا سوا چار وڄي رھيا آھن. آئون چونڊن جي ڪوريج لاءِ محترم ابوالحسن جي سربراھيءَ ۾ ڪراچيءَ کان آيل ”جيو نيوز“ جي ٽيم سان خيرپور، ڪوٽڏجي، مصري شاھ ۽ ڪُنبَ جون پولنگ اسٽيشنون گُھمندو، راڻيپور طرف وڃي رھيو آھيان تہ منھنجي موبائل فون جي گھنٽي وڄي ٿي. فون کڻڻ تي فون ڪندڙ دوست چوي ٿو تہ درازا شريف پرسان ڳوٺ ”وريو واھڻ“ جي جوڻيجا پرائمري اسڪول جي پولنگ اسٽيشن تي فائرنگ ھلي رھي آھي، ڪافي ماڻھو مارجي ويا آھن ۽ ڪيترائي زخمي ٿيا آھن. آئون پنھنجي ڪار ۾ سوار آھيان ڪراچيءَ کان مڪاني ادارن جي چونڊن جي ڪوريج لاءِ آيل

”جيو نيوز“ ٽيم جو سربراهہ محترم ابوالحسن بہ مون سان ڪار ۾ گڏ آهي. جڏهن تہ ابوالحسن جي ”جيو نيوز“ ٽيم جا ٻيا دوست لائيو ڪوريج واري گاڏي ڊي. ايس. اين. جي ۾ آهن. آئون ڊرائيور کي گاڏيءَ جي اسپيڊ وڌائڻ ۽ ڪيس درازا شريف ڏانهن هلڻ لاءِ چوان ٿو. اسان جنهن جڳهہ تي آهيون، اُتان درزا شريف چئن ڪلو ميٽرن جي پنڌ تي آهي. اسان درزا شريف کان گُذري ڳوٺ وريو واهڻ جي جوڻيجا پرائمري اسڪول ۾ پهچون ٿا، تہ اسڪول جي پولنگ اسٽيشن جي سامهون واري پڊر تي يارهن ڄڻن جا لاش رت ۾ ٻُڏل نظر اچن ٿا. جڏهن تہ ڏهن کان وڌيڪ زخمي ماڻهو تڙپي رهيا آهن. اليڪشن جي ڪوريج ڪندڙ مختلف ادارن جي ٽيمن جا اسان پهريان ماڻهو آهيون، جيڪي وريو واهڻ پولنگ اسٽيشن تي پهتا آهيون. يارهن ماڻهن جا سِرَ ڪيرائڻ ۽ ڏهن ڄڻن کان وڌيڪ ماڻهن جي زخمي ٿيڻ واري واقعي کان پوءِ پولنگ اسٽيشن تي راڪاسُ گهمي ويو آهي. پولنگ عملو خوف کان پولنگ ڇڏي ڀڄي ويو آهي. هڪ پوليس وارو لاشن جي پرسان بيٺو آهي، اُهو پوليس وارو ٻڌائي ٿو تہ پولنگ اسٽيشن جي سامهون وارين عمارتن تان بَرسٽَ هليا، جنهن ۾ هي ڳڀرو جوان مارجي ويا ۽ هي سامهون تڙپندڙ نوجوان زخمي ٿيا. فائرنگ دوران وڏو

خوف ۽ حراس پکڙجي ويو. ووٽ ڏيڻ لاءِ قطار ۾ بيٺل ماڻهو ”پڄو ڙي پڄو قيامت اچي وئي“ جون دانهون ڪندا، پڄندا، پولنگ مان هليا ويا. پولنگ عملو پڄي ويو. مون سان گڏ ڊيوٽيءَ تي آيل پوليس وارا پڄي ويا. فائرنگ وقت آئون به پاڻ کي بچائڻ لاءِ پولنگ اسٽيشن جي اندر وڃي لِڪي ويٺس. فائرنگ بند ٿيڻ کان پوءِ ٻاهر آيو آهيان.

اسان جي لائيو ڪوريج واري ٽيم پولنگ اسٽيشن جي سامهون واري پڊَر تي يارهن لاشن ۽ تڙپندڙ زخمين جا فوري طور تي وڊيو ٺاهي ورتا، اُهي ”جيو نيوز“ تي لائيو نشر ٿيڻ کان پوءِ اُن وقت جو خيرپور جو ايس پي سيد پير محمد شاهه پوليس جي وڏي اٿالي ۽ رينجرس فورس سان وريو واهڻ پهتو. جڏهن ته ڪيترن ئي ٽي وي چينلز جون ٽيمون به خوني واردات واري جڳهه تي آيون. فائرنگ ۾ مارجي ويل يارهن ڄڻن مان هڪ ڄڻي جو تعلق ڳوٺ وريو واهڻ سان هو اُن جون وارث عورتون اُن جي لاش مٿان ماتم ۽ روج راڙو ڪري رهيون هيون. خوفناڪ دل ڏاريندڙ ۽ قيامت خيز منظر هو. پولنگ اسٽيشن تي خونريزيءَ واري واقعي کان پوءِ ڳوٺ جا اڪثر ماڻهو پوليس ۽ رينجرس فورس کي ڏسي پنهنجا گهر خالي ڪري پرواري ڪمند جي فصل ۾ وڃي لِڪا. پوليس ۽

رينجرس فورس ڪمند جي فصل کي ڪڙو چاڙهي ڪجهه ماڻهو گرفتار ڪيا.

ڳوٺ مان لاش ڪڍڻ ۽ زخمين کي اسپتال نيڻ َتائين اسان خوني واردات واري جڳهه تي آهيون. زمين تي ڪيرايل لاش ڏسڻ وارن ماڻهن جو چوڻ هو تہ ڳوٺ جي مورچن ۾ اڳواٽ هٿياربند ويهاريا ويا هئا، جن گوليون هلايون ۽ انهن بي هٿيار ماڻهو بي گناهہ ماريا. ايس ايس پي سيد پير محمد شاهہ جي سربراهيءَ ۾ خوني واردات واري جڳهه تي پهتل پوليس فورس يارهن ڄڻن جي لاشن ۽ زخمين کي ڪٽي اسپتال پهچايو. لاشن جي سجاڻپ بعد قانوني گهرجون پوريون ڪري لاش وارثن حوالي ڪيا ويا.

”وريو واهڻَ“ ۾ ڪنهن جا لاش ڪيرايا ويا، اُهي ڪير هُئا ۽ ڪٿان جا هُئا. اهي وريو واهڻ پولنگ اسٽيشن تي ڪيئن آيا، ان جي ڪهاڻي هن طرح آهي تہ پير سيد صبغت الله شاهہ پير پاڳاري جو پاٽئيو ۽ پير سيد صدر الدين شاهہ جو صاحبزادو پير محمد اسماعيل شاهہ راشدي 31 آڪٽوبر تي صبح جو پنهنجي حُر جماعت جي ساٿين سان ”هادل شاهہ“ مان پولنگ اسٽيشنون گهمندو، مسلم ليگ فنڪشنل جي ڪارڪُنن سان ملندو، رِيڙي، کهڙا ۽ گمبٽ مان ٿيندو. درازا

شريفَ جي گهٽين مان گذرندو ”وريو واهڻ“ پولنگ اسٽيشن تي پهچي ٿو تہ سندس قافلي تي گوليون وسڻ شروع ٿي وڃن ٿيون. گولين جي وسندڙ مينهن ۾ پير محمد اسماعيل شاهہ محفوظ رهي ٿو. پر سندس قافلي ۾ شامل فقير نور حسن ورياماڻي، علي مراد ڳاهو، غلام مرتضيٰ ماري، اڪبر خاصخيلي، منور علي خاصخيلي، محمد عثمان خاصخيلي، ارباب راڄڙ، جمشير مهر، وَرسارو درس، منظور احمد خاصخيلي ۽ نعيم اعظم جوڻيجو جا سِرَ ڪِرن ٿا ۽ اهي شهيدن جي تاريخَ جو بابُ بڻجي وڃن ٿا. جيڪي انگريز سامراج خلاف هلايل حُر هلچل جي شهيد حُر جرنيلن جو اولاد هُئا. مارجي ويل نوجوانن ۾ اڪثر نوجوانن جو تعلق ضلعي سانگهڙ سان هو. جڏهن تہ هڪ شهيد نوجوان نور حسن خاصخيلي حُر جماعت جي خليفي وريام فقير خاصخيليءَ جو پاٽيو هو.

خوني واقعي کانپوءِ پير محمد اسماعيل شاهہ جن خيرپور اچن ٿا ۽ مسلم ليگ هائوس ۾ پريس ڪانفرنس ڪن ٿا. پريس ڪانفرنس ۾ پير محمد اسماعيل شاهہ جن ٻُڌائين ٿا تہ سندس قافلي تي حملو اڳواٽ رٿيلَ سازش تحت ڪيو ويو آهي. سندن چوڻ هو تہ هٿياربندن ڪي وريو واهڻ

ڳوٺَ جي مورچن ۾ ويهاري مٿن حملو ڪرايو ويو ۽ حُر جماعت جي يارهن بي هٿيارن امن پسند حُرن جا سِرَ ڪيرايا ويا.

پير محمد اسماعيل شاهہ سندس قافلي مٿان حملي جي ذميداري پيپلز پارٽي ۽ سنڌ حڪومت مٿان عائد ڪن ٿا. سندن چوڻ هو تہ پيپلز پارٽيءَ جي پهرئين دؤرَ ۾ بہ امين فقير مگرئي سميت ڇهہ حُرَ مارايا ويا هُئا. ان وقت پير سيد شاهہ مردان ثانيءَ حُرن کي صبر ڪرڻ جي تلقين ڪئي هئي. جنهن تي حُر جماعت عمل درآمد ڪري ڪو بہ ردعمل ظاهر نہ ڪيو. جڏهن تہ 31 آڪٽوبر 2015ع تي درازا شريف پرسان "وريو واهڻ" ۾ ڪيرايل 11 لاشن جي رَدِ عمل ۾ موجوده پير پاڳاري پير سيد صبغت الله شاهہ پنهنجي والد مرحوم پير سيد شاهہ مردان شاهہ ثانيءَ جي روايت تي عمل ڪندي حُر جماعت کي صبرَ ۽ اَمنَ سان رهڻَ جي هدايت ڪئي. پير صاحب جي اُنَ هدايت تي حُر جماعت پُوريءَ طرح عمل ڪيو ۽ ڪا بہ جوابي ڪاروائي نہ ڪئي.

واقعي کان ڪُجهہ ڏينهن پوءِ پير صاحب پاڳاري حُر جماعت جي خليفن ۽ شهيدن جي وارثن کي ڪراچيءَ گهرايو. شهيدن جي وارثن سان واقعي تي ڏک ونڊيو ۽ واقعي

ڪي سوچيل سمجھيلَ سازش قرار ڏنو. پير صاحب شھيدن جي وارثن کي پنھنجي طرفان پنج پنج لک روپيا ۽ زخمين جي وارثن کي ٻہ ٻہ لک روپيا امداد ڏني. پير صاحب ھن موقعي تي حُر جماعت جي خليفن ۽ شھيدن جي وارثن کي امن، سلامتي ۽ صبر سان واپس پنھنجي گھرن ڏانھن وڃڻ ۽ واقعي تي صبر ڪرڻ لاءِ چيو. جڏھن تہ پير صاحب پاڳاري صحافين سان ڳالھائيندي چيو تہ واقعي ۾ وڏا ھٿ ملوث آھن، جيڪي حڪومت کي ظاھر ڪرڻ گھرجن. پير صاحب پاڳاري جو چوڻ ھو تہ اسان حُر جماعت کي صبر سان رھڻ جي تلقين ڪئي آھي پر اُنَ جو اِھو مقصد ھرگز نہ ورتو وڃي تہ اسان جا خونَ ڪاڃي ويندا. چو تہ اسلامَ ۾ خونَ جو بدلو خون، ھٿ جو بدلو ھٿ ۽ اک جو بدلو اک آھي. تنھنڪري اسان کي شھيدن جي خُون جو انصاف گھرجي. پير صاحب اِھو بہ چيو تہ کين يقين آھي تہ جيڪڏھن ھِتي انصاف نہ مليو تہ خدا وٽ ضرور انصاف ملندو.

# داستان ڇهون

## سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ ”هڪ ڏؤر جو پورو سفر“ ۽ ”هڪ سج ٻه پاڇا“ ڪتابن جي مهورت ۽ ٽر گهمڻ جو قصو

پروفيسر بدر سومرو، دوستيءَ جو پڪو پُختو ۽ وڏي ماڻهپي وارو ماڻهو آهي. هُو اصل ۾ خيرپور ضلعي جي ننڍڙي ڳوٺ ڳاڙهي موريءَ جو رهواسي آهي. ڳاڙهي موريءَ مان ميٽرڪ پاس ڪري جڏهن خيرپور آيو هو ته خيرپور ۾ ڪيس رهائش ۽ ٻيا مسئلا درپيش هئا. جنهن سبب هن مون کي پريس ڪلب ۾ اچي ڳولي لڌو. ان ملاقات ۾ هن پنهنجا مسئلا مون سان شيئر ڪيا ۽ صحافي ٿيڻ جي به خواهش ظاهر ڪيائين. بدر سومري جي ڳالهه ٻڌڻ ڪانپوءِ مون سندس رهنمائي ڪئي. بعد ۾ هن خيرپور مان انٽر ۽ گريجوئيشن ڪئي، جيڪو هينئر سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ ميڊيا اسٽيڊيز شعبي جو چيئرمين آهي. آءُ خيرپور ۾ سرگرم صحافي هجڻ سان گڏ شاعر به آهيان. منهنجا هن وقت تائين هن ڪتاب ”اَسان هِتِ اَڪيلا“ سميت 7 ڪتاب شايع ٿي چڪا آهن. جن ۾ پنج شاعريءَ جا ۽ ٻه ڪتاب نثر جا شامل آهن. منهنجي شايع ٿيل ڪتابن مان شاعريءَ جي

ٻن ڪتابن ”ٿر اجارو سنڌ ساري“ ۽ ”ڪارونجهر تي مور نہ آيا“ جي ڪجهہ وقت اڳ پروفيسر بدر سومري سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ مهورت ڪرائي هئي. جنهن ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ جا وڏي تعداد ۾استاد ۽ شاگرد شريڪ ٿيا هئا. پروفيسر بدر سومري کي جڏهن خبر پئي تہ منهنجا ٻيا ٻہ ڪتاب ”هڪ دور جو پورو سفر“ ۽ ”هڪ سج ٻہ پاڇا“ بہ شايع ٿي چڪا آهن، تہ هن مون سان رابطو ڪري چيو تہ آئون پنهنجي پُٽ سرمد دارا شِڪُو جي شاديءَ جي وليمي جي سلسلي ۾ خيرپور ايندس ۽ اوهان جي ڪتابن جي سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ مهورت ڪرائڻ متعلق اوهان سان ڳالهائيندس.

پروفيسر بدر سومري پنهنجي پٽ سرمد دارا شِڪُوءَ لاءِ ڪراچيءَ جي پروفيسر مير احسان احمد علويءَ کان سندس ڌيءَ محترما سانيا جو سڱ ورتو هو. اُن سان پٽ جو نڪاح ڪرائڻ لاءِ هُو 8 جولاءِ 2017ع تي حيدرآباد مان ڄڃ وٺي ڪراچيءَ ويو.

جتي سندس پٽ سرمد دارا شِڪُو پنهنجي ڪنوار محترما سانيا سان لائون لڌيون. ڪنوار جي پيءُ پروفيسر مير احسان احمد علويءَ ڪراچيءَ جي ”آنچل“ ميريج لان ۾ ڌيءَ جي شاديءَ جي وليمي جي دعوت ڪئي. جنهن ۾ سندس دوست، مٽ مائٽ ۽ سرمد دارا شِڪُو جي ڄڃ شريڪ ٿي. بعد ۾ سرمد پنهنجي ڪنوار حيدرآباد پنهنجي گهر وٺي آيو. ٻئي

ڏينهن 9 جولاءِ 2017ع تي پروفيسر بدر سومري پنهنجي پٽ سرمد دارا شِڱو جي شاديءَ جو وليمو حيدرآباد جي ”مارئي“ لان ۾ ڪيو. جنهن ۾ سنڌ يونيورسٽي، مهراڻ يونيورسٽي، لياقت ميڊيڪل يونيورسٽي جا پروفيسر، ٻين ادارن جا سندس دوست ۽ ساٿي شريڪ ٿيا. جڏهن ته 14 جولاءِ 2017ع تي محترم پروفيسر بدر سومري خيرپور جي ”رائل گارڊن“ ۾ پنهنجي مٽن مائٽن ۽ دوستن لاءِ سرمد دارا شِڱو جي شاديءَ جي وليمي جي دعوت جو بندوبست ڪيو. سندس دعوت ۾ شاه عبداللطيف يونيورسٽيءَ جا پروفيسر، خيرپور، سکر، شڪارپور ۽ نوابشاه جا مٽ مائٽ ۽ يار دوست شريڪ ٿيا. هن تقريب ۾ پروفيسر بدر سومري جي وڏي پٽ دانيال سومري سان ٻه ملاقات ٿي ۽ ساڻس ڪجهه دير ڪچهري ٿي. پروفيسر بدر سومري سرمد درا شِڱوءَ جي شاديءَ جي وليمي ۾ سخت مصروف هجڻ جي باوجود مون سان مختصر ڪچهري ڪئي ۽ ٻڌايو ته آئون ڄامشورو موٽي وڃڻ تي پنهنجي ميڊيا اسٽڊيز شعبي جي دوستن سان اوهان جي ڪتابن جي مهورت ڪرائڻ لاءِ صلاح مشورو ڪندس ۽ سنڌ يونيورسٽيءَ جي وائيس چانسلر ڊاڪٽر فتح محمد برفت کان ڪتابن جي مهورت جي منظوري وٺي، مهورت جي تاريخ مقرر ڪري اوهان کي سنڌ يونيورسٽي اچڻ لاءِ چوندس. بعد ۾ 18 سيپٽمبر 2017ع تي پروفيسر بدر سومري جو مون کي فون آيو. چيائين ته وائيس چانسلر ڊاڪٽر فتح محمد برفت اوهان جي ڪتابن

جي سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ مهورت ڪرائڻ جي منظوري ڏيئي ڇڏي آهي. جڏهن ته پنهنجي شعبي جي پروفيسرن سان تفصيلي ڳالهه ٻولهه ڪري اسان اوهان جي ڪتابن ”هڪ دور جو پورو سفر“ ۽ ”هڪ سج ٻه پاڇا“ جي مهورت جي تاريخ 20 سيپٽمبر 2017ع مقرر ڪئي آهي. ڪتابن جي مهورت سنڌ يونيورسٽيءَ جي ميڊيا اسٽڊيز شعبي جي سيمينار هال ۾ ٿيندي. اوهان لاءِ سنڌ يونيورسٽيءَ جي فارين فڪلٽي هاسٽل (يونيورسٽي گيسٽ هائوس) ۾ ٻه ڪمرا ٻُڪ ڪرائي ڇڏيا اٿم. اوهان 19 سيپٽمبر 2017ع جي شام تائين اسان وٽ ڄامشورو پهچي وڃو. مهورت جو ٽائيم صبح 10:00 بجه مقرر ڪيو اٿئون.

پروفيسر بدر سومري جي فون ڪانپوءِ مون قربان منگي، علامه حزب الله آءِ سومري ۽ امر اقبال سان رابطو ڪري کين 20 سيپٽمبر 2017ع تي حيدرآباد هلڻ لاءِ چيو. علامه حزب الله سومري چيو ته آئون ڏوڪري ڪاليج ۾ ليڪچرار آهيان، اتان موڪل نه ورتي اٿم، تنهنڪري هن ڀيري آئون ڪو نه ٿو هلان، مون کي ڪنهن ٻئي ڀيري واري تقريب ۾ وٺي هلجو. اُن ڪانپوءِ مون محترم قربان منگي ۽ محترم امراقبال سان رابطو ڪيو. انهن سنڌ يونيورسٽيءَ هلڻ جي تياري ڪئي.

19 سيپٽمبر 2017ع تي اسان خيرپور مان ڄامشورو لاءِ روانا ٿياسون. رستي ۾ حضرت سچل سرمست جي مزار تي حاضري ڏني سون. راڻيپور ۾ حليم الله ڀنڀرو وٽ چانهه پيتي

سون ۽ آمريءَ لڳ ڳوٺ محمد بخش پنهور ۾ محمد موسيٰ پنهور جي آجياڻي ۾ شريڪ ٿياسون. ڄامشورو پهچڻ تي پروفيسر بدر سومرو اسان کي سنڌ يونيورسٽيءَ جي گيسٽ هائوس ۾ وٺي هليو. شام تي چڪي هُئي، اسان پنهنجو سامان رکي سنڌ يونيورسٽيءَ جي فائن آرٽ شعبي جي پروفيسر سعيد منگيءَ ۽ سنڌ يونيورسٽيءَ جي ٻن ادب دوست شاگردن فرقان احمد پنهور ۽ محمد سعدي پنهور کي پاڻ سان گڏ ڪٺي، سنڌي ادبي سنگت جي تازو چونڊيل مرڪزي سيڪريٽري جنرل احمد سولنگيءَ جي گهر وياسون، جتي سندس والده جي وفات تي ساڻس دُعا گهري سون. بعد ۾ رات جي ماني پروفيسر بدر سومري وٽ کاڌي سون. صبح جو ناشتو پروفيسر سعيد منگيءَ وٽ ڪيوسون. اُن کان پوءِ ميڊيا اسٽڊيز شعبي ڏانهن ويندي، رستي ۾ علامہ آءِ آءِ قاضي، ايلسا قاضي ۽ ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ جي مزارن تي حاضري ڏني سون. رستي ۾ انسٽيٽيوٽ آف آرٽ اينڊ ڊزائين ۾ ڪجهہ دير لاءِ وياسون. انسٽيٽيوٽ جي ڊائريڪٽر پروفيسر نعمت خلجيءَ آڌر ڀاءُ ڪيو ۽ پروفيسر سعيد منگيءَ انسٽيٽيوٽ جو دؤرو ڪرايو. بعد ۾ وچي ميڊيا اسٽڊيز شعبي ۾ پهتاسون.

شعبي جي چيئرمين پروفيسر ڊاڪٽر بدر سومري جي آفيس ۾ اسان کان اڳ ريٽائرڊ پروفيسر عبدالمجيد چانڊيو، سنڌ جو ڏاهو ليکڪ محترم سهيل سانگي، پروفيسر ڊاڪٽر بشير ميمڻ، پروفيسر ڊاڪٽر ايوب لغاري، محترم مُبن مگريو

۽ ٻيا وينا هئا. ٿوري دير انهن سان ڪچهري ٿي، بعد ۾ پروفيسر بدر سومرو اسان کي آيل مهمانن سان گڏ ميڊيا اسٽڊيز شعبي جي سيمينار هال ۾ وٺي هليو. جتي پروگرام شروع ٿيو.

پروگرام جي شروعات ۾ ٻنهي ڪتابن ”هڪ دور جو پورو سفر“ ۽ ”هڪ سج ٻه پاڇا“ جي مهورت ٿي. پروگرام جي اسٽيج سيڪريٽريءَ جا فرائض ميڊيا اسٽڊيز شعبي جي شاگردياڻي محترما مهڪ انور سرانجام ڏنا. جنهن ڪتابن جي مهورت ڪانپوءِ پروفيسر ڊاڪٽر بدر سومري کي تقرير لاءِ سڏيو. هُنَ اسٽيج تي اچي ميڊيا اسٽڊيز شعبي ۾ ڪتابن جي مهورت ڪرائڻ جو مقصد بيان ڪندي چيو ته تقريب ۾ آيل شاگردن ۽ شاگردياڻين کي اسان هن تقريب جي رپورٽنگ ڪرڻ جو موقعو پڻ ڏنو آهي. سيني شاگردن ۽ شاگردياڻين کي هن تقريب جو اکين ڏٺو احوال لکڻو پوندو ۽ بعد ۾ هن تقريب جي نيوز (خبر) لکڻي پوندي. سندن لکيل ان خبر مان مقصد وارو نچوڙ ڪڍي، سندن اها خبر ميڊيا کي جاري ڪنداسون. هن چيو ته ميڊيا اسٽڊي شعبي ۾ اسان اهڙا ٻيا پروگرام به ڪرائينداسون، جنهن سان شاگردن ۽ شاگردياڻين جو مشاهدو ۽ تجربو ٿيندو. پروفيسر بدر سومري چيو ته غلام عباس ڀنڀري جي شاعري، قومي عوامي ۽ تصوف جي فڪر واري شاعري آهي. نوجوانن کي اها شاعري پڙهڻ گهرجي. چيو ته ڀنڀري صاحب جي شاعري بامقصد ۽ معنيٰ خيز آهي.

جڏهن تہ ”هڪ سچ بہ پاچا“ ڪتاب تاريخي داستانن سان پريل آهي. مونکي پختو يقين آهي تہ غلام عباس پنيري جا لکيل هي داستان اڳتي هلي ملڪ جي تاريخ جو حصو بڻبا. مونکي اها بہ پڪ آهي تہ اڳتي هلي هنن داستانن جو اردو، انگريزي ۽ ٻين ٻولين ۾ ترجمو ٿيندو.

پروفيسر عبدالمجيد چانڊيي پنهنجي خطاب ۾ چيو تہ سنڌ جي تاريخ اسان جي نصابي ڪتابن ۾ نٿي پڙهائي وڃي، ان لاءِ پرائمريءَ کان يونيورسٽي سطح تائين واري نصاب ۾ سنڌ جي تاريخ جا مضمون شامل ڪرڻ گهرجن. هن چيو تہ غلام عباس پنيري جا ڪتاب آئون پڙهندو رهندو آهيان. مون کي پڪ آهي تہ پنيري صاحب جي ڪتابن سان سنڌي ادب ۾ واڌارو ايندو ۽ اِهي ڪتاب سنڌي ادب جي تاريخ جو هڪ نئون باب بڻبا.

تقريب کي پوپٽ پبلشنگ هائوس جي چيئرمين، قربان منگي، فائن آرٽ شعبي جي پروفيسر سعيد منگي، سنڌ جي مشهور ڏاهي سهيل سانگي، ناليواري شاعر امراقبال، سنڌ يونيورسٽيءَ جي سنڌي شعبي جي پروفيسرڊاڪٽر مخمور بخاري، پروفيسر ڊاڪٽر بشير ميمڻ ۽ ٻين خطاب ڪيو. جڏهن تہ ڊائريڪٽر ايجوڪيشن ٽيچرس ٽريننگ حيدرآباد غلام اصغر ميمڻ، فائن آرٽ شعبي جي ڊائريڪٽر پروفيسر ڊاڪٽر نعمت خلجي، پروفيسر ڊاڪٽر ايوب لغاري، پروفيسر غلام علي ٻرڙو، ڊاڪٽر شازيہ شيخ،

سراج احمد پنهور، لطيف گاد، مهراڻ يونيورسٽي جي انجنيئر منصور احمد پنيرو، شاگردن وسيم پنيرو، عباس پنيرو، فرقان احمد پنيرو ، مٺياريءَ جي ادب دوست نوجوان ممتاز علي عمراڻي ۽ يونيورسٽيءَ جي وڏي تعداد ۾ شاگردن ۽ شاگرديائڻين تقريب ۾ شرڪت ڪئي.

ڪتابن جي مهورت واري تقريب ختم ٿيڻ ڪانپوءِ پروفيسر بدر سومري تقريب ۾ آيل سمورن مهمان ڪي چانهه پياري، بعد ۾ آئون، قربان منگي ۽ امر اقبال ٿر جي دوري تي روانا ٿياسون. ٿر ڏانهن ويجهڙ دوران رستي ۾ ڄامشورو روڊ تي سوزڪي موٽرس جي شوروم ۾ محترم شمس الدين پنيري وٽ چانهه پيتي سون. بعد ۾ ٿر جو سفر شروع ڪري، عمر ڪوٽ مان نوجوان انجنيئر علي حسن خاصخيلي ڪي پاڻ سان گڏ ڪنيوسون. سج اسان ڪي عمر ڪوٽ ۾ لهي ويو. رات جو نائين وڳي ڌاران مٺيءَ پهتاسون. جتي ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيسر (پرائمري) محترم نصير احمد جوڳيءَ جا اچي مهمان ٿياسون. محترم نصير احمد جوڳي خيرپور ضلعي جي تعلقي نري ميرواهه جو ويٺل آهي ۽ منهنجو پُراڻو واقفڪار آهي. پنهنجو سامان ان وٽ رکي گَڏي ڀِٽَ وياسون ۽ گَڏي ڀِٽَ تي ويهي مٺي شهر جو نظارو ڪيوسون. قربان منگي گڏي ڀِٽ جي دوري جا فوٽو فيس بوڪ تي رکيا. مِٺيءَ جي اديب محترم دولت رام ڪتريءَ ۽ سماج سڌارڪ اڳواڻ محترم ساجن چاري اُهي فوٽو ڏسي اسان سان رابطو ڪيو. اسان ڪين

ٻڌايو تہ اسان ڀنهنجي دوست محترم نصير جوڳيءَ وٽ رهيل آهيون. بعد ۾ اُهي محترم نصير جوڳيءَ جي جڳهہ تي اچي اسان سان مليا. جڏهن تہ مٺيءَ جا ادب دوست نوجوان انجنيئر وامن ڪمار ۽ آڪاش ميگهواڙ جيڪي ڪراچيءَ ويل هئا، انهن سوشل ميڊيا تي اسان جون تصويرون ڏسي فون تي ڳالهايو ۽ چيو تہ اسان کي ٻڌائڻ کانسواءِ مٺيءَ آيا آهيو. اهو ڇا ڪيو اٿوَ؟ اسان مٺيءَ ۾ هجون ها تہ اوهان جي خدمت ڪريون ها. مون کين اهو چئي ٿڌو ڪيو تہ اسان جلد ڀيهر مٺيءَ ايندا سون ۽ اوهان سان اچي ملنداسون. اُها رات اسان نصير جوڳيءَ وٽ رهي، صبح جو سوير اُٿي سماج سڌارڪ محترم ساجن چاري وٽ وياسون. جنهن اسان کي وڏي عزت ڏني. هن موقعي تي اسان سندس ناچاق ڀاءُ الهبچايو چارو جي عيادت پڻ ڪئي. اُتان اُٿي مشهور راڳي صادق فقير جي مزار تي آياسون ۽ سندس مغفرت لاءِ دُعا گهري سون. اُن کانپوءِ اسلام ڪوٽ جي صحافي عبدالغني بجير وٽ نيرن ڪئي سون، جتي اسلام ڪوٽ جي نوجوان سماج سڌارڪ شاهنواز خاصخيليءَ سان ملاقات ٿي. نيرن ڪرڻ کان پوءِ اسان ننگر پارڪر روانا ٿياسون. عبدالغني بجير ۽ شاهنواز خاصخيلي ڀنهنجي گاڏيءَ ۾ اسان سان گڏجي ٿر جي سفر جا ساٿي بڻيا.

اسان ٿر ۾ داخل ٿيڻ سان سڀ کان ڀهريان گوڙي مندر وياسون، جتي گوڙي مندر جي فقيرن ڀڳت هوٿيءَ ۽ ڀڳت منگل جي سُنگ کان ڀڳت ڪبير ۽ لطيف سائينءَ جا ڪلام

ٻُڌاسون. گوڙي مندر پنج سؤ سال اڳ تعمير ٿيو هو. جيڪو جين ڌرم جو مندر آهي. هينئر اِهو مندر نهايت ڪمزور ۽ خراب حالت ۾ آهي. اُن جي اهڙي حالت ڏسي ڏاڍو ڏک ٿيو. اُن کانپوءِ اسان پالوا وياسون ۽ اُتي مارئيءَ جو کوهه ڏٺوسون. مارئيءَ جي کوهه تي سڄي سنڌ جا ماڻهو اچن ٿا. کوهه جي آس پاس ڪافي ڳوٺ نظر آيا. ڳوٺاڻن کان پڇيوسون ته انهن ٻڌايو ته هتي ٻارن جي تعليم لاءِ ڪو به هاءِ اسڪول نه آهي ۽ وبائي بيمارين جي بچاءُ جو ڪو مؤثر بندوبست نه آهي. اُن کانپوءِ ننگر پارڪر وياسون، جتي محترم اشرف علي چاڪيءَ وٽ ماني کاڌي سون. محترم اشرف علي چاڪي، محترم نصير جوڻيءَ جو دوست آهي، جنهن کي نصير جوڻيءَ ننگر پارڪر پهچڻ تي اسان جو آڌر ڀاءُ ڪرڻ ۽ ماني کارائڻ لاءِ چيو هو. جنهن اسان جو وڏو استقبال ڪيو ۽ مانجهاندي جا سهڻا انتظام ڪيا. اُتي اسان کي هڪ نوجوان اصغر ڪُنڀارُ مليو. اُن مون کي ڏسي چيو ته اوهان غلام عباس پنيرا آهيو؟ اوهان جا ڪتاب آئون پڙهندو آهيان. ”ڪارونجهر تي مور نه آيا“ مون تفصيلي پڙهيو آهي. اسان جي هن علائقي جي حالتن جو تفصيلي ذڪر اٿس. اوهان ٿر اچو ٿا ۽ ٿر جي غريب ماڻهن جي مسئلن تي لکو ٿا، اسان جي لاءِ اها وڏي خوشيءَ جي ڳالهه آهي.

هتي هيءَ ڳالهه لکڻ آئون ضروري ٿو سمجهان ته ٻه سال اڳ ٻه آئون محترم قربان منگي ۽ علامه حزب الله آءِ

سومري کي وٺي ٿر آيو هوس. ٻن سالن دوران منهنجو ٿر جو هي ٻيو دورو هو. هي ٻيو دورو اُن لاءِ هو تہ ڏسجي تہ ٻن سالن دوران حڪومت ٿر جي ڏڪار ستيل ماڻهن لاءِ ڪهڙيون نيون سهولتون مهيا ڪيون آهن. پر ٻن سالن ڪانپوءِ ٿر اچڻ تي ڏٺوسون تہ ٿَـرُ اجان وبائي بيمارين ۾ وڪوڙيل آهي. ڇاڇري، ڏاهلي، ننگرپارڪر ۽ ٿَرَ جي ٻين هنڌن تي اڻ ڳڻيا معصوم ٻارَ، عورتون ۽ سَوَن جي تعدادَ ۾ جانورَ ۽ پکي پکڻَ خطرناڪ وبائي بيمارين جو شڪار ٿي چڪا آهن. ٿر ۾ خوراڪ جي کوٽ سبب ٻار ڪمزور ڄمن ٿا ۽ مري وڃن ٿا. حڪومت کي خاص طور تي ٿرپارڪر ضلعي جي ڀِراڙيءَ وارن علائقن ۾ ماهر ڊاڪٽرن جون ٽيمون موڪلڻ گهرجن. جيڪي سڀ کان پهريان اهو جائزو وٺن تہ ڪهڙن علائقن ۾ ڪهڙيون وبائي بيماريون پکڙجن ٿيون، انهن بيمارين کي روڪڻ لاءِ ڪهڙا قدم کڻڻ گهرجن. جنهن ڪانپوءِ حڪومت ماهر ڊاڪٽرن جي مشوري تحت قدم کڻي. جڏهن تہ ٿر ۾ موت جي راڪاس کي انساني زندگين مٿان چنبا کوڙڻ کان اڳ ٿر ۾ بيمارين جي بچاءُ واري مهم هلائڻ گهرجي.... تہ هتي ڳالهہ پئي هلي اسان جي ٻيهر ٿر گهمڻ جي تہ محترم اشرف علي چاڪيءَ وٽ مانجهاندو ڪرڻ ڪانپوءِ اسان ڪاسبو وياسون، جتي راما پير مندر ڏٺوسون. مندر جي آسپاس مسلمانن سان گڏ ميگهواڙ، ڪولهي ۽ هندو ڌرمَ جي ٻين ذاتين جا ماڻهو آباد آهن. راما پير مندر تي پيرو ميگهواڙ ڀڳت اوٻارام ۽ ڀڳت بالا رام سان

ملاقات ٿي. انهن ٻڌايو تہ غربت سبب هتان جا ٻار پڙهي نٿا سگهن. روزگار جا ذريعا گهٽ آهن. هتي جڏهن ٻاهريان ماڻهو تفريح ڪرڻ ايندا آهن تہ اُهي غريب ماڻهن کي چند روپيا خرچيءَ طور ڏيئي ويندا آهن. پر اُن خرچيءَ مان غريبن جو گذر سفر ٿي نہ سگهندو آهي. سڄو سال ڏاڍو ڏکيو ۽ ٻُکن ڪاٽڻ ۾ گذرندو آهي. هتي وڏا پهاڙ آهن، ڪارخانن ۾ ڪم ايندڙ مٽيريل جام آهي، حڪومت جيڪڏهن هن علائقي جي خوشحاليءَ جا منصوبا ٺاهي تہ هن علائقي مان بُک ۽ بدحالي ختم ٿي سگهي ٿي.

راما پير مندر کان واپسيءَ تي اسان گهٽياري ڊيم ڏٺوسون، جتي مِينهن جو پاڻي گڏ ٿيل هو پر اُهو پاڻي خراب ٿي ويو هو ۽ بدبوءِ ڪري چڪو هو. جيڪو پيئڻ جي لائق نہ هو. اُتي ڊيم جي آسپاس جي ماڻهن ٻڌايو تہ ڊيم جو پاڻي خراب ٿي چڪو آهي. ڪافي جانور هن ڊيم جو پاڻي پيئڻ ڪانپوءِ مري ويا آهن. اُن ڪانپوءِ اسان ڪارونجهر جبل تي وچي جبل جو نظارو ڪيوسون. ڏاڍو خوبصورت ۽ لطف اندوز نظارو هو پر حڪومت ڪارونجهر جبل کي تفريحي ماڳ بنائڻ جا مناسب ۽ گهربل انتظام نہ ڪيا آهن. حڪومت کي ڪارونجهر جبل کي تفريح جو مرڪز بنائڻ لاءِ مؤثر منصوبا ٺاهڻ گهرجن. ڪارونجهر جبل جيڪڏهن تفريحي مرڪز بڻجي ويو تہ اهو جبل سنڌ جي جنت جو ڏيک ڏيندو. بعد ۾ اسان پوڏيسر مندر، پوڏيسر مسجد ۽ پوڏيسر ڊيم ڏسڻ وياسون.

پوڏيسر مندر بہ گوڙي مندر وانگر جين ڌرم وارن جو مندر آهي پر هي مندر پڇي پُري ختم ٿي چڪو آهي ۽ نهايت ڪمزور ۽ خطري واري حالت ۾ آهي. اقليتي امور ۽ ثقافت واري کاتي کي تَحرُڪَ ۾ اچڻ گهرجي. جڏهن تہ پوڏيسر مسجد بہ ڏاڍي ڪمزور حالت ۾ آهي. جنهن لاءِ اُتان جي ڪجهہ ماڻهن ٻڌايو تہ اسان پنهنجي وڏن کان ٻُڌو آهي تہ اِها مسجد بہ اڄ کان پنج سؤ سال اڳ اسلامي جذبي سان سرشار محمود شاهہ بيگڙي ٺهرائي هئي. پوڏيسر مسجد گهمڻ دوران اُتي مسجد تي سار سنڀال وارو ڪو بہ ماڻهو نظر نہ آيو! جڏهن تہ پوڏيسر مندر جي حالت خراب هجڻ سبب ماڻهو مندر ۾ عبادت ڪرڻ نہ ٿا اچن. پوڏيسر مسجد ۽ پوڏيسر مندر پرسان پوڏيسر ڊيم بہ آهي. جنهن ۾ بارش جو پاڻي گڏ ٿيندو آهي. جيڪو چند ڏينهن نظر ايندو آهي. بعد ۾ بارشون ختم ٿيڻ کان پوءِ سڄو سال ڊيم ۾ پاڻي نہ هوندو آهي. تنهنڪري حڪومت اهڙو بندوبست ڪري، جيئن پوڏيسر ڊيم سڄو سال پاڻيءَ سان ڀريل هجي. جنهن مان علائقي جي ماڻهن ۽ چوپائي مال جو سُک ٿئي.

پوڏيسر مندر، پوڏيسر مسجد ۽ پوڏيسر ڊيم ڏسڻ کانپوءِ اسان محترم اشرف علي چاڪيءَ وٽ چانهہ پي واپس ٿيا سون. اسلام ڪوٽ پهچي عبدالغني بجير ۽ شاهنواز خاصخيليءَ، محترم شهباز علي بجير جي ”ماشاءَ الله“ هوٽلَ تي چانهہ پياري. بعد ۾ انهن کان موڪلايوسون. سج لهي

چڪو هو. اسان اسلام ڪوٽ مان عمرڪوٽ روانا ٿياسون. انجنيئر علي حسن خاصخيليءَ کي عمرڪوٽ ۾ ڇڏيوسون. بعد ۾ اسان ڳوٺ صالح پنهورو ۾ وڃي فقير مختيار پنهورو وٽ رات رهياسون. اُتي اسان جي بزرگ شاعر محمد عباس ”ساٿي“ پنهور، انجنيئر غلام حيدر پنهور، عمران پنهور، عنايت پنهور، امام الدين پنهور، شهاب الدين پنهور، اظهر عباس پنهورو ۽ ٻين سان ملاقات ٿي رات جي ماني فقير مختيار پنهوري ڪارائي ۽ صبح جو ناشتو بہ اُن ڪرايو.

صبح جو ناشتو ڪري ڪانپوءِ سامارو پرسان ڳوٺ ٻچل پنهورو آياسون، جتي اسان جي علي نواز پنهور، محمد حيات پنهور، ثناءُالله خاصخيلي، امير بخش پنهور، الله بخش پنهور، محمد حسن پنهور، غلام رسول پنهور، غلام محمد پنهور، عبدالقادر پنهور، الهڏنو پنهورو ۽ ٻين سان ملاقات ٿي. جتي چانهہ پيئڻ دوران علائقي جي ماڻهن سان تعليم ۽ صحت متعلق ڳالهيون ٿيون. علائقي جي ماڻهن ٻڌايو تہ هتي ويجهو ڪو بہ هاءِ اسڪول ۽ ڪا بہ اسپتال نہ آهي. سامارو شهر ڪافي پري آهي. ٻار سامارو پڙهڻ ويندا آهن ۽ بيمار مريضن کي بہ سامارو کڻي ويندا آهيون. علائقي ۾ بنيادي سهولتون نہ هجڻ سبب ڪافي تڪليفون ڏسڻيون پونديون آهن. بعد ۾ اسان ڳوٺ ٻچل پنهورو جي دوستن کان موڪلائي ميرپور خاص آياسون. قربان منگيءَ کي ڪراچي وڃڻو هو. اُن کي ميرپور خاص جي بس ٽرمينل تان ڪوچ ۾ ويهاريوسون.

جنهن ڪانپوءِ اسان ٽنڊو آدم آياسون. جتي حُر جماعت جي اڳواڻَ خميسي فقير جي وفات تي سندس پُٽ اعجاز ڀنڀرو سان تعزيت ڪئي سون. بعد ۾ اسان سانگهڙ مان ٿيندا، ڪينواريءَ آياسون. هي علائقو خيرپور ضلعي جو ريگستاني علائقو آهي. ڪينواريءَ ۾ محمد بچل ڀنڀري ۽ ٻين اسان جو استقبال ڪيو ۽ چانهه پياري. ان ڪانپوءِ اسان چونڊڪو ۾ اچي پيراڻو سائل ڀنڀرو جي چانهه پيتي سون. چونڊڪو ۾ اسان کي رات ٿي چڪي هئي. بعد ۾ اسان ناري ۽ ڪوٽڏجيءَ وارا ڪوهَ لتاڙيندا اچي خيرپور پهتاسون.